ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ڪراچي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 25 جنوري 2026ع 05 شعبان المعظم 1447ھ صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (163)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Sunday 25th January 2026

سال (18) آچر 25 جنوري 2026ع 05 شعبان المعظم 1447ھ صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (126)

Daily Ibrat Hyderabad Sunday 25th January 2026

پاڪستان جي ورلڊ ڪپ ۾ شامل ٿيڻ بابت فيصلو حڪومت ڪندي، بنگلاديش سان زيادتي ڪئي پئي وڃي: محسن نقوي

پارت ۾ ميچ نہ کيڏڻ تي بنگلاديش ورلڊ ڪپ مان ٻاهر ٿي ويو، اسڪاٽ لينڊ شامل

بنگلاديش سيڪيورٽي خدشن سبب ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ جون ميچون ڀارت ۾ کيڏڻ کان انڪار ڪندي پنهنجون ميچون سريلنڪا منتقل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هو
آءِ سي سي پاران معاملي تي ٽن هفتن کان وڌيڪ وقت تائين تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون، جنهن ۾ بي سي بي جي خدشن جو چڱي طرح جائزو ورتو ويو
بنگلاديش ڪرڪيٽ بورڊ سان سيني معاملن تي ڳالهايو ويو ۽ انهن کي خاطريون بہ ڪرايون ويون، پر بنگلاديش جي مطالبي تي عمل نہ ڪيو ويو
اسان آءِ سي سي کان وڌيڪ پاڪستان حڪومت جا تابع آهيون ۽ ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ ۾ شرڪت بابت فيصلو حڪومت ڪندي: محسن نقوي
حتمي فيصلي لاءِ وزيراعظم جي آمد جا منتظر آهيون، بنگلاديش سان زيادتي ٿي رهي آهي، اهو ٻٽو معيار آهي، هڪ ملڪ ڪنهن کي بڪٽيٽ نٿو ڪري سگهي: پي سي بي چيئرمين

دبئي/اسلام آباد(م ڊ)آءِ سي سي باضابطا طور اعلان ڪيو آهي تہ ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ ۾ بنگلاديش جي جاءِ تي اسڪاٽ لينڊ جي ٽيم شرڪت ڪندي بنگلاديش سيڪيورٽي خدشن سبب ٽي ٽوئنٽي ورلڊ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

نون صوبا ٺهڻ سان انتظامي ڍانچو بهتر ٿيندو، پاڪستان جي بقا لوڪل گورنمينٽ ۾ آهي: خواجا آصف

27هين آئيني ترميم مان بہ شڪون ڊراپ ڪيون ويون هيون، جن مان هڪ لوڪل گورنمينٽ بابت هئي، جنهن تي ڪيترائي اعتراض هئا، مڪاني حڪومتن کي خطري بدران هڪ نرسري طور سمجهڻ گهرجي
دنيا ۾ نيو يارڪ جو ميئر ممداني ان جو وڏو مثال آهي، پاڪستان جي بقا لوڪل گورنمينٽ ۾ آهي، اختيار هيٺين سطح تي منتقل نہ ٿيڻ عوام سان دوکو آهي
18هين ترميم ۾ تہ اختيار جي ورچ جي گارنٽي ڏني وئي هئي پر اهو عملي طور ممڪن نہ ٿي سگهيو، جنهن سبب مون ان کي "ڌيڪاءُ" قرار ڏنو، جيڪو گهڻن ماڻهن کي نہ وڻيو
ٽن وڏن پڪٽيڙن بہ لوڪل گورنمينٽ ذريعي پنهنجا اختيار مضبوط ڪيا، سياستدانن کي ڏکهي ملي لاءِ اقتدار نہ مليو پر فنڊ اختيار هيٺين سطح تي منتقل ڪري منهنجي پوزيشن مستحڪم ڪئي
لوڪل گورنمينٽ ڪنهن لاءِ خطرو ناهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي خدشو آهي تہ اهو رڳو بيوروڪريسي آهي، چو تہ ان جا اختيار گهٽجي ويندا، ملڪ ۾ نوان صوبا ٺهڻ تي ڪنهن کي بہ ڊڄڻ نہ گهرجي، بجاءِ وارو وزير

لاهور(م ڊ)بجاءِ واري وزير خواجا آصف نون صوبن جي حمايت ڪندي چيو آهي تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي ۽ ڪنهن کي ڊڄڻ نہ گهرجي، لاهور ۾ ٿنڪ فيسٽ سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو تہ نون صوبن جي سان ملڪ جي انتظامي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي هن 27هين آئيني ترميم جو حوالو ڏيندي چيو تہ ان مان بہ شڪون ڊراپ ڪيون ويون هيون جن مان بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ايران کي ڪنهن بہ صورت ۾ ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي: آمريڪا

واشنگٽن جي ايراني سرگرمين تي نظر آهي ۽ ڪنهن بہ امڪاني خطري کي روڪڻ لاءِ پرعزم آهي
ايران جي قيادت ان امڪان کي رد ناهي ڪيو تہ هو ٻيهر ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿي
صدر ڊونلڊ ٽرمپ پڻ ان ڳالهه تي زور ڏئي چڪو آهي تہ ايران کي ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا واضح ڪيو آهي تہ هو ايران کي ڪنهن بہ صورت ۾ ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندو پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ڳالهه آمريڪا جي تازي ترين نيشنل ڊيفنس بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

تڪراري ٽوئيٽس ڪيس ۾ ايمان مزاري ۽ هادي علي کي مجموعي طور 17-17 سال قيد جي سزا

ايڊيشنل سيشن جج افضل مجوڪا تڪراري ٽوئيٽس ڪيس جو فيصلو ٻڌايو، 22 صفحن تي ٻڌل لکت حڪم نامو بہ جاري
عدالت ٻنهي جوابدارن کي پيڪا ايڪٽ جي سيڪشن 9 تحت 5-5 سال قيد ۽ 50 لک رپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو
سيڪشن 10 تحت 10-10 سال قيد ۽ 3 ڪروڙ رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي: عدالتي فيصلو
سيڪشن 10 تحت 10-10 سال قيد ۽ 3 ڪروڙ رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي

اسلام آباد(م ڊ)اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ تڪراري ٽوئيٽس ڪيس ۾ ايڊووڪيٽ ايمان مزاري ۽ سندس مڙس هادي علي کي مجموعي طور 17-17 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي ايڊيشنل سيشن جج افضل/ڏسو صفحو 3 نمبر 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري صوماليه جي گهرو وزير علي يوسف کي معاهدي جا ڪاغذ ڏئي رهيو آهي

آمريڪا ۾ پرڏيهين جي حقن خلاف ڪارروائيون مذمت جوڳيون آهن: گڏيل قومون

پرڏيهين بابت پاليسين ۽ قانون لاڳو ڪرڻ ۾ انساني وقار ۽ عظمت کي خيال ۾ رکيو وڃي
هر پرڏيهي جي ڪيس حاصل ٿيل حقن جو تحفظ ڪيو وڃي: انساني حقن واري شعبي جو سربراهه

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ايران پاران انساني حقن واري ڪائونسل ۾ پاڪستان جي موقف جي واکاڻ

نائب وزير اعظم اسحاق ڊار سان ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي فون ۾ ٽيليفون تي رابطو ڪيو
ٻنهي اڳواڻن موجوده علائقائي ۽ عالمي حالتن تي ڳالهيون ڪيون: پرڏيهي کاتو

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي(اي پي پي)دبئي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ غير قانوني تعمير ۽ ريگولرائيزيشن جي بنياد ايم ڪيو ايم جي دور ۾ پئي: شرجيل ميمڻ

گل پلازا جي غير قانوني ليز ۾ فاروق ستار جو بطور ميئر ۽ جماعت اسلامي جي ناظمين جو ڪردار هو
جن ماڻهن انهن غلط فيصلن جي بنياد رکي، اهي اڄ سوالن کان فرار اختيار نٿا ڪري سگهن
غير قانوني تعمير کي جن ماڻهن جائز قرار ڏنو، اهي اڄ اخلاقي ۽ سياسي طور جوابده آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ فاروق ستار جيتري بہ فصيح ۽ بليغ اردو ڳالهائي استعارا استعمال ڪري، پر حقيقت بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

گل پلازه دردناڪ واقعي تي بہ سياست چمڪائڻ انتهائي افسوسناڪ آهي: ضياءالحسن لنجار

واقعي ۾ نہ ڪا تخريبڪاري ثابت ٿي آهي ۽ نہ ئي هٿ سان باهه لڳائڻ جا ثبوت مليا آهن
جاچ موجب باهه ٻهرين هڪ گلدان جي دڪان ۾ لڳي، جيڪا ڏسندي ئي ڏسندي پوري پلازا ۾ ڦهلجي وئي
حقيقتن کي لڪائي الزام تراشي ڪرڻ سان نہ تہ سچ لڪندو ۽ نہ ئي متاثرن جو درد گهٽ ٿيندو

شهدادپور (رپورٽ مهدي حسن پنهور) ڪراچي ۾ پيش آيل گل پلازا سانحي بابت صوبائي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار واضح لفظن ۾ چيو آهي تہ واقعي ۾ نہ ڪا تخريبڪاري ثابت ٿي آهي ۽ نہ ئي هٿ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

شهدادپور: صوبائي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي، آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پڻ موجود آهي

لاهور ۾ گهڻ ماڙ عمارت واري هوٽل ۾ باهه لڳڻ سبب ماڻهن ۾ ڀاڄ، 3 ڄڻا سڙي فوت

گلبرگ واري علائقي ۾ قائم هوٽل جي بيسمينٽ ۾ باهه لڳي، 180 ماڻهن کي ريسڪيو ڪيو ويو
باهه تي فوري طور ضابطو آندو ويو، هاڻ عمارت جي اندر ڪو بہ شخص موجود ناهي: چيف سيڪريٽري پنجاب
باهه تي فوري ضابطو آندو جنهن ڪري وڏي حادثي کان بچي وياسين، ڪارڻ معلوم ڪري رهيا آهيون

19 لاهور جي علائقي گلبرگ ۾(م ڊ)لاهور ماڙ هوٽل ۾ باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا چيف سيڪريٽري پنجاب موجب باهه هوٽل جي بيسمينٽ ۾ لڳي، هوٽل مان 180 ماڻهن بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۾ ٻڌسٽن جو پيادل امن مارچ نارٿ ڪيرولائينا پهتو، جسقم پاران آجيان

رياست ٽيڪساس کان آڪٽوبر ۾ شروع ڪيل پيادل امن مارچ 90 ڏينهن کان جاري
جسقم اڳواڻ حبيب پتو مارچ ۾ شريڪ ماڻهن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا

ورجينيا (رپورٽ: ضياءَ قريشي) آمريڪا ۾ ٻڌسٽن جو پيادل امن مارچ نارٿ ڪيرولائينا پهتو جسقم آمريڪا اڳواڻ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر اندر سلينڊر ڌماڪي جي نتيجي ۾ ٻارڙي سميت ٻہ ڄڻا سڙي زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ اورنگي ٽائون سيڪٽر ساڍا يارهن غازي آباد جمعرات بازار ۾ جمعراتي هوٽل جي ويجهو بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ورجينيا: قومپرست اڳواڻ حبيب پتو ٻڌ راهبن جي امن مارچ ۾ شريڪ راهبن کي سنڌي تحفا ڏئي رهيو آهي

سامونڊي شعبي ۾ سڌارن کان پوءِ 100 ارب رپين جو منافعو ٿيو آهي: جنيد انوار چوڌري

بندرگاهن جي ٻيهري، خرچن ۾ گهٽتائي ۽ الدوئي هيٺ پاليسين کي حتمي شڪل ڏيڻ ۾ مدد ملي آهي
پاڪستان ۾ ڀهريون ٻيڙو مسافرن ۽ مال برداري لاءِ فيري سروس جي شروعات ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سامونڊي معاملن واري وفاقي وزير محمد جنيد انوار چوڌري چيو آهي تہ سامونڊي شعبي گذريل سال رڪارڊ 100 ارب رپيا منافعو حاصل ڪيو آهي، جيڪو هڪ سال جي وسيع سڌارن بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جو سينيئر وڪيل محمد فهيم ضياءَ سنڌ يونائيٽڊ پارٽي ۾ شامل ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينيئر ايڊووڪيٽ ۽ سنڌ بار ڪائونسل جي اڳوڻي ميمبر محمد فهيم ضياءَ باضابطه طور سنڌ يونائيٽڊ پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪري بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ٽيڪنيڪل ۽ تحقيقاتي ٽيم متاثر گل پلازا پهچي وئي، عمارت جي اندروني حصن جو جائزو

ڪميٽي جي ميمبرن باهه لڳڻ سبب متاثر ٿيل سامان، دڪان، پتين ۽ ٻين حصن جو بہ جائزو ورتو
جاچ دوران ڪي عمارت اندر ڪيترن ئي هنڌن تي باهه جا نشان، سڙيل سامان ۽ متاثر ٿيل دڪان نظر آيا
جاچ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ باهه لڳڻ جي سببن، ذميوارن جي تعين بابت رپورٽ اختيارين کي پيش ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سانحو گل پلازا بابت جاچ ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي، جتي ٽيڪنيڪل ۽ تحقيقاتي ٽيم متاثر گل پلازا پهچي وئي آهي تحقيقاتي ٽيم ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ جي همراهه گل بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاڪستان ۽ صوماليه جي وچ ۾ معاهدن تي صحيحون ٿي رهيون آهن، صدر آصف علي زرداري ۽ گهرو وزير محسن نقوي بہ موجود آهن

صدر آصف علي زرداري سان صوماليه جي گهرو وزير جي ملاقات، معاهدن تي صحيحون

ٻنهي ملڪن ۾ سفارتي پاسپورٽ رکندڙن لاءِ ويزا جي شرط ختم ڪرڻ وارو معاهدو ڪيو ويو
پاڪستان صوماليه سميت افريقي ملڪن سان لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ چاهي ٿو: صدر

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري سان صوماليه جي گهرو وزير علي يوسف ايوان صدر ۾ ملاقات بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب پاران سمنڊ ۾ ماهيگيرن کي جديد اوزارن سان ليس ڪرڻ جو منصوبو متعارف

ماهيگيري ۾ استعمال ٿيندڙ ننڍين ٻيڙين ۾ ٻهترين ۽ اعليٰ معيار جا حفاظتي اوزار لڳايا ويندا
"ريف السعوديہ" منصوبو اسٽريٽجڪ ۽ تعميري مقصدن کي مدد فراهم ڪندو: پرڏيهي ميڊيا

رياض (اي پي پي) سعودي عرب ۾ ڇتادار زرعي ۽ ٻهراڙي جي ترقي واري پروگرام جنهن کي "ريف السعوديہ" چيو ويندو آهي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

غزه بورڊ آف پيس ۾ شريڪ ملڪن جو تعداد 30 تائين پهچڻ جو امڪان آهي: ترڪي

وقت بورڊ ۾ 19 ملڪ شامل آهن جڏهن تہ ڪجهه ملڪن شموليت لاءِ وڌيڪ وقت گهريو آهي
جرمن چانسلر فريڊرڪ مرز ان بورڊ ۾ شموليت تي راضپو ظاهر ڪري چڪو آهي: پرڏيهي وزير

انقره (اي پي پي) ترڪيہ جي پرڏيهي وزير حاڪان فدان چيو آهي تہ غزه لاءِ قائم ڪيل بورڊ آف پيس ۾ شريڪ ملڪن جي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

آمريڪا شام مان فوج جي مڪمل واپسي تي غور ڪري رهيو آهي: رپورٽ

سيرين ڊيمو ڪريٽڪ فورسز کي مليل شڪست بعد فوجي مشن جو جائزو ورتو پيو وڃي
داعش خلاف قدمن، سيڪيورٽي توازن ۽ علائقائي اتحادين سان لاڳاپن تي بہ غور ڪيو پيو وڃي

نيويارڪ (اي پي پي) آمريڪي اخبار وال بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ملتان: چيئرمين سينيٽ يوسف رضا گيلاني شيلڊون ورهائي رهيو آهي

گل پلازا سانحو حڪومت جي مڪمل ناڪامي جو نتيجو آهي: شاهد خاقان عباسي

اصل سوال اهو آهي تہ اهڙا سانحا آخر ڇو ٿين ٿا؟ انهن سانحن جي پٺيان حڪومتي نااهلي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عوام پاڪستان پارٽي جي سربراهه ۽ اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي تہ سانحو گل پلازا بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي ٽن ضلعن ۾ عمارتن جي سروي، 90 سيڪڙو عمارتن ۾ باهه کان بچاءُ جا انتظام نہ هجڻ جو انڪشاف

اوڀر، وچ ۽ ڏکڻ ضلعن ۾ رهائشي ۽ ڪمرشل عمارتن جو فائر آڊٽ شروع ڪيو ويو آهي: ايس بي سي اي
ايس بي سي اي 300 کان وڌيڪ عمارتن ۾ باهه کان بچاءُ جا انتظام نہ هجڻ تي نوٽيس جاري ڪيا آهن
نوٽيسن ۾ عمارتن ۾ باهه کان بچاءُ جا انتظام ٽن ڏينهن اندر مڪمل ڪرڻ جو وقت ڏنو ويو آهي

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول(بيورو رپورٽ)ڪراچي ڪراچي جي ٽن (ايس بي سي اي) اٿارٽي ضلعن ۾ عمارتن جو سروي شروع ڪري گل پلازا سانحي کان پوءِ سنڌ ڇڏيو آهي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

تعليم غربت، انتهاپسندي ۽ ناانصافي خلاف مضبوط ترين هٿيار آهي: بلاول ڀٽو

قومون گوليون سان نہ پر ڪتابن سان اُٿن ٿيون معياري تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي
پيپلز پارٽي نياڻين ۽ پسمانده طبقن لاءِ هڪجهڙا تعليمي موقعا مهيا ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رکندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عالمي يوم تعليم جي موقع تي چيو آهي تہ تعليم بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

مهاراجا رنجيت سنگهه جي دور جو ورثو مقامي ذهانت جي عڪاسي آهي: مرتضيٰ سولنگي

لاهور آرٽس ڪائونسل الحمرا ۾ نائين ٿنڪ ٽينڪس فيسٽ نمائش منعقد ڪئي وئي
رنجيت سنگهه جو دور گهڻو سيڪيولر هو، جنهن ۾ ٻين مذهبن جا ماڻهو بہ اهم عهدن تي مقرر هئا: خطاب

لاهور (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري جي ترجمان مرتضيٰ سولنگي چيو آهي تہ مهاراجه رنجيت سنگهه جي دور بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ بلدياتي خودمختياري ۽ آئيني ترميمي بل تي حڪومت اسان جو ساٿ ڏئي: فاروق ستار

گل پلازا جو سانحو تمام وڏو آهي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ 100 ماڻهو شهيد ٿي چڪا آهن
سنڌ حڪومت ۽ ميئر ڪراچي هن معاملي تي عوام کي گمراهه ڪري رهيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار حيدر عباس رضوي ۽ ٻين مرڪز بهادر آباد بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي ميئر پاران شهر جي 418 روڊن جي تعمير ۽ بحالي جو فيصلو

اهو قدم 26 اهم شاهراهن جي بحالي لاءِ منظور ڪيل 5.5 ارب رپين کان پوءِ کنيو ويو
هي قدم سنڌ حڪومت ۽ ڪي ايم سي پاران انفراسٽرڪچر بهتر بڻائڻ جي عزم جو ثبوت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ ڪراچي جي شهري انفراسٽرڪچر کي مضبوط بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس جي مقابلي ۾ انتهائي خطرناڪ ڀتا خور مارجي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايس آءِ يو ۽ سي آءِ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ محمد حاشر جي قتل جا جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج

پوليس نہ قاتل گرفتار ڪري سگهي، نہ جاچ کي اڳتي وڌايو آهي: مظاهرين
سنڌ حڪومت ۽ پوليس جون اختيارين معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪن

حيدرآباد (ڪرائيم رپورٽر) حيدرآباد جي ڪوهسار فيز هڪ جي رهواسي 15 سالن جي محمد حاشر جا قاتل گرفتار ڪرڻ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

لاهور: بسنت کان اڳ ۾ پوليس اهلڪار موٽرسائيڪلن تي حفاظتي راڊون لڳائي رهيا آهن

اسپين پاران غزه امن بورڊ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار، مستقبل جو فيصلو فلسطينين کي ئي ڪرڻو آهي: وزيراعظم

اسان دعوت جي تعريف ڪريون ٿا، پر نام نهاد امن بورڊ ۾ شامل نہ ٿينداسين: پيڊرو سانچيز
هي بورڊ گڏيل قومن جي دائري کان ٻاهر آهي، ۽ فلسطيني اٿارٽي ان ۾ شامل ناهي

ڪراچي(م ڊ)اسپين آمريڪي غزه امن بورڊ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو اسپيني وزيراعظم پيڊرو سانچيز فيصلي جو اعلان ڪندي چيو تہ اسپين هن نام نهاد امن بورڊ ۾ شامل نہ ٿيڻ جو فيصلو ڪيو بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

لاهور: وفاقي وزير احسن اقبال ڊائيلاگ ۾ شريڪ آهي

ڪينيڊا، نيٽو فوج ۽ البرٽا سان لاڳاپيل آمريڪي بيان رد ڪري ڇڏيا

اوٽاوا (اي پي پي) ڪينيڊا نيٽو فوج ۽ البرٽا سان لاڳاپيل آمريڪي بيان رد بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

شهزاده فيصل بن فرحان سان گڏيل قومن جي ڪوآرڊينيٽر جي ملاقات، گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ڳالهيون

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان بن بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب: جده ۾ ٽريول اينڊ ٽوئرازم نمائش 28 جنوري تي ٿيندي

جده (اي پي پي) سعودي عرب جي شهر بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

آمريڪا گڏيل قومن جي جاءِ تي پنهنجي ڪنٽرول هيٺ نئون عالمي ادارو ٺاهڻ چاهي ٿو: برازيل

نئون عالمي ادارو بورڊ آف پيس مڪمل طور تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪنٽرول ۾ هوندو
اسان ڪنهن بہ اهڙي عالمي اداري کي تسليم نہ ڪنداسين جيڪو هڪ طرفي طور جوڙيو وڃي

ريوڊي جنيرو (اي پي پي) برازيل چيو آهي تہ آمريڪا گڏيل قومن جي جاءِ تي پنهنجي ڪنٽرول ۾ نئون عالمي ادارو ٺاهڻ چاهي ٿو بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسان تي ڪنهن بہ قسم جو حملو ٿيو تہ ان کي مڪمل طور جنگ سمجهيو ويندو: ايران

آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان حملي جو خدشو آهي، ڪنهن بہ قسم جي جارحيت برداشت نہ ڪئي ويندي
اسان جي فوج مڪمل طور تيار آهي، آمريڪي فوجي چرپر کي ڏسندي هاءِ الرٽ آهيون
جيڪڏهن ايران تي محدود يا سرجيڪل حملو بہ ٿيو تہ سخت ترين جواب ڏينداسين

تهران(م ڊ)ايران آمريڪا ۽ اسرائيل کي خبردار ڪندي چيو آهي تہ اسان تي ڪنهن بہ قسم جي حملي کي مڪمل طور جنگ سمجهيو ويندو آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان حملي جي خدشي تي ايران ردعمل ڏيندي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

نيٽو پاران اتر قطب جي سيڪيورٽي وڌائڻ لاءِ ڊنمارڪ سان معاهدي جو اعلان

اسان سمورن ميمبر ملڪن جي امن ۽ سلامتي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪم ڪريون پيا: سيڪريٽري جنرل
اتر قطب دائري ۾ دفاع کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ٻنهي سهڪار کي وڌيڪ اڳتي وڌائينداسين

برسلز (اي پي پي) نيٽو جي سيڪريٽري جنرل مارڪ روٽي ۽ ڊنمارڪ جي وزيراعظم ميٽي فريڊريڪسن ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

نار ملڪن جي گڏيل امن مشقن ۾ سعودي سيڪيورٽي فورسز جا مختلف جٿا شامل

دوحہ (اي پي پي) قطر جي ميزباني ۾ ٿيندڙ نار امن فورسز جي گڏيل مشقن امن العربي 4" ۾ سعودي عرب جي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ڪي پي ڪي جو گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي سعيد مهدي جي ڪتاب جو مهورت ڪري رهيو آهي

سعودي عرب ورلڊ اڪنامڪ فورم جي بين الاقوامي اجلاس جي ميزباني ڪندو

رياض (اي پي پي) سعودي عرب طرفان ورلڊ اڪنامڪ فورم جي انتظام هيٺ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪولمبيا ۾ جي شهر ٽوميڪو ۾ زوردار ڌماڪي سبب 7 ڄڻا فوت، 8 زخمي

بگوٽا (اي پي پي) ڪولمبيا جي ڏکڻ ۾ ناريانو جي شهر ٽوميڪو جي هڪ ٻهراڙي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ تيز برسات ۽ برفباري تباهي مچائي ڇڏي، 61 ڄڻا فوت، 100 کان وڌيڪ زخمي

پروان، وردڪ، ڏکڻ قندهار، اتر جوزجان، فرياب ۽ مرڪزي باميان ۾ اربع کان برفباري ۽ برسات جو سلسلو جاري
تيز برفباري ۽ مينهن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ 61 ماڻهو مارجي ويا ۽ 110 ماڻهو زخمي ٿيا آهن: اين ڊي ايم اي
وڏيون هاءِ ويز ۽ بين الصوبائي رستا سخت برفباري ۽ برفاني طوفان جي خوف سبب بند ٿي ويا آهن

ڪابل(م ڊ)افغانستان ۾ تيز برسات ۽ برفباري تباهي مچائي ڇڏي، جنهن ۾ 61 ماڻهو مارجي ويا ۽ 100 کان وڌيڪ زخمي ٿيا نيوز ايجنسي موجب، افغانستان جي صوبن پروان، وردڪ، ڏکڻ قندهار اتر بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جو 29هون ڪانووڪيشن

سنڌ صوبو ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ اعليٰ تعليم تي خرچ ڪري رهيو آهي: اسماعيل راهو

چيئرمين بلاول صاحب جو ويزن آهي تہ سنڌ جي هر ضلعي ۾ هڪ يونيورسٽي يا ڪنهن يونيورسٽي جو ڪئمپس هجي
پاڳ وارو ڏينهن آهي جو هزار کان وڌيڪ نوجوان ڊگري وصول ڪري پيشور زندگي جو آغاز ڪرڻ وڃي رهيا آهن
اسان سمورن امتحاني سسٽم ڪي اي مارڪ تحت آوٽو ميشن تحت ڪٺي اچي رهيا آهيون

ڄامشورو (رپورٽ عرفان برفت) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جو 29هون ڪانووڪيشن مهراڻ يونيورسٽي جي مڪ آڊيٽوريم ۾ ڇنڇر24 جنوري تي ڇٽن نشستن ۾ ٿي گذريو بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن ۾ صوبائي سيڪريٽري عباس بلوچ ڊگريون ورهائي رهيو آهي

زمبابوي ۾ ٻوڏ جي وهڪري ۾ گاڏي لڙهي وئي، 9 ڄڻا فوت

هراري (اي پي پي) زمبابوي جي ڏکڻ واري صوبي ماٽابيلي لينڊ سائوٿ ۾ ٻوڏ جي وهڪري جو شڪار ٿي هڪ گاڏي لڙهي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

فن لينڊ جي 20 سال تهه خاني ۾ گذاريندڙ 80 سالن جو شخص هٿ آيو

هلسنڪي (اي پي پي) فن لينڊ جي پوليس ٻڌايو آهي تہ 80 سالن جو هڪ شخص انتهائي خراب صحت واري حالت ۾ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

گل پلازه سانحي ۾ فوت ٿيل وڌيڪ ٻن ڄڻن جا لاش سڃاڻپ بعد وارثن حوالي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازا سانحي ۾ فوت ٿيل رينچو لائن جي رهواسي 59 سالن جي حنيف پٽ عبدالغني ۽ خداداد بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

تعليم پائيدار ترقي، معاشي استحڪام ۽ سماجي هم آهنگي جو بنياد آهي: سردار شاهه

نوجوان هاڻي تعليمي نظام جا شريڪ خالق ۽ فيصلا ڪندڙ بہ بڻجي چڪا آهن
سنڌ ۾ اسڪولن کي انتظامي طور مضبوط بڻائڻ لاءِ مالي وسيلا منتقل ڪيا ويا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عالمي يوم تعليم 2026 جي موقعي تي صوبائي وزير تعليم سنڌ سيد سردار علي شاهه چيو آهي تہ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

خانپورمهر: تشدد جو نشانو بڻيل واپاري تفصيل ٻڌائي رهيو آهي

عوام هڪ طاقتور پوليس نہ پر انصاف پسند پوليس ڏسڻ چاهي ٿي: آءِ جي سنڌ

نوجوان اهلڪار اهڙو رويو اختيار ڪن جو عوام ۽ پوليس وچ ۾ فاصلا ختم ٿين
پوليس ٽريننگ ڪاليج کي يونيورسٽي جو درجو ڏنو وڃي يا ڊگري پروگرام سان منسلڪ ڪيو وڃي

شهدادپور(ن ع) پوليس ٽريننگ ڪاليج (PTC)شهدادپور ۾ 184 هين پاسنگ آئوٽ پريڊ جي شاندار تقريب منعقد ٿي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ چار ڄڻا فوت ٿي ويا

قائد آباد ويجهو نئين قبرستان وٽان 55 سالن جي سلطان زهين خان جو لاش هٿ آيو
ٻن ڄڻن جا گهرن اندران ڦهو لڳل لاش مليا، لياري ۾ حادثي سبب نوجوان ياسين فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ چار ڄڻا فوت ٿي ويا. قائد آباد ٿاڻي جي حد بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

گل پلازه ۾ باهه لڳڻ جو سرڪاري فرياد تي ڪيس داخل، واقعو غفلت ۽ لاپرواهي قرار

باهه لڳڻ وقت حفاظتي انتظام موجود نہ هئا، لائيٽون بند ڪيو ويون جنهن سبب ماڻهو عمارت اندر ڦاسي پيا
ڪيترائي گيٽ بند هجڻ سبب صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وئي ۽ ڪيترائي ماڻهو سڙي فوت ٿيا
واقعي جو ذميوار نامعلوم ماڻهن کي قرار ڏنو ويو، ڪيس داخل ٿيڻ بعد ايف آءِ آر کي سيل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازه ۾ پيش آيل ڏاڍي خطرناڪ باهه لڳڻ واري واقعن بعد پوليس ايف آءِ آر درج ڪري ڇڏي آهي مقدمو سيڪشن 322، H(I)337-، 436ءَ 427 پي پي سي تحت درج ڪيو بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز رفتار ٽرالر موٽرسائيڪل تي چڙهي ويو، ٻہ نوجوان فوت

شرافي گوٺ فيوچر موڙ الجنت هوٽل جي ويجهو حادثي ۾ عاصم ۽ رحمان فوت ٿي ويا
مانسهره ڪالوني جي رهواسي نوجوانن جي موٽرسائيڪل ٽريلر سان ٽڪرائجي وئي هئي: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ جمعي ۽ ڇنڇر جي وچ واري رات جو شرافي گوٺ فيوچر موڙ الجنت هوٽل جي ويجهو ٽريلر بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

گل پلازه جي سرچ آپريشن دوران ريسڪيو ٽيم کي رک هيٺان پاڪ ڪتاب محفوظ حالت ۾ هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازا حادثي دوران ريسڪيو 1122 (سنڌ) جي اربن سرچ بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

تعليم قدرن، شعور ۽ سماجي ذميواري جي احساس کي پڻ جنم ڏئي ٿي: مير طارق ٽالپر

علم ئي منصفاڻي، روشن خيال ۽ جامع سماج جي اوسر لاءِ سڀ کان اثرائتو وسيلو آهي
پيپلز پارٽي هميشہ تعليم کي نظرياتي بنياد جو مرڪزي ٿنڀ سمجهيو آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سماجي ڀلائي واري صوبائي وزير مير طارق علي خان ٽالپر تعليم جي عالمي ڏهاڙي جي بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ڪوهه مري ويندڙ سمورا رستا ڪلئيڙ، انٽري پرائيڊنس جزوي طور کوليا ويا

اسلام آباد (اي پي پي) اسلام آباد جي بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

بقايا | 1 | خواجا آصف

هڪ لوڪل گورنمينٽ بابت هئي جنهن تي ڪيترائي اعتراض هئا. سندس چوڻ هو ته لوڪل گورنمينٽ ڪي خطري بدران هڪ ترسري طور سمجهڻ گهرجي ۽ دنيا ۾ نيو يارڪ جو ميئر ممداني ان جو وڏو مثال آهي. پاڪستان جي بقا لوڪل گورنمينٽ ۾ آهي. اختيار هيٺين سطح تي منتقل نه ٿيڻ عوام سان دوکو آهي. خواجا آصف چيو 18هين ترميم ۾ ته اختيار جي ورڇ جي گارنٽي ڏني وئي هئي پر اهو عملي طور ممڪن نه ٿي سگهيو جنهن سبب مان ان کي "ڊيڪاءِ" قرار ڏيان جيڪو گهڻن ماڻهن کي نه وڻيو هن چيو ته ڪن وڏن ڊڪٽيٽرن به لوڪل گورنمينٽ ذريعي پنهنجا اختيار مضبوط ڪيا، سياستدانن کي ڊگهي مدي لاءِ اقتدار نه مليو پر ڊڪٽيٽرن اختيار هيٺين سطح تي منتقل ڪري منهنجي پوزيشن مستحڪم ڪئي. سندس چوڻ هو ته لوڪل گورنمينٽ ڪنهن لاءِ خطرو ناهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي خدشو آهي ته اها رڳو بيورو ڪريسي آهي چو ته ان جا اختيار گهٽجي ويندا.

بقايا | 2 | آمريڪا

اسٽريٽجي ۾ چئي وئي آهي دستاويز مطابق آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪيترائي ڀيرا ان موقف جو اظهار ڪري چڪو آهي ته ايران کي ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي نيشنل ڊيفنس اسٽريٽجي ۾ چيو ويو آهي ته ايران جي قيادت ان امڪان کي رد ناهي ڪيو ته هو ٻيهر ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿي خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن هو بامعني ڳالهين کان پاسو ڪري. دستاويز ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته واشنگٽن ايران جي سرگرمين تي نظر رکي آهي ۽ ان حوالي سان ڪنهن به امڪاني خطري کي روڪڻ لاءِ پرعزم آهي واضح رهي ته ان کان اڳ ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو هو ته ايران آمريڪا سان برابري جي سطح تي ڳالهين لاءِ تيار آهي.

بقايا | 3 | گڏيل قومون

انساني حقن جي شعبي جي سربراهه آمريڪي اختيارين پاران اميگريشن خلاف آمريڪا ۾ هڪ ٻئي پٺيان ڪيل سرگرمين جي مذمت ڪندي چيو آهي ته آمريڪا ۾ پرڏيهين جي حقن جون پيچيدگيون معمول

بقايا | 4 | اسحاق ڊار

بقايا | 5 | صحيفون

بقايا | 6 | منصور معظم

بقايا | 7 | ترڪي

بقايا | 8 | روبوٽ

بقايا | 9 | شرجيل ميمڻ

بقايا | 10 | لنڊار

بقايا | 11 | شاهد خاقان

بقايا | 12 | انڪشاف

بقايا | 13 | جلالي پتو

بقايا | 14 | مرتضيٰ سولنگي

بقايا | 15

بقايا | 16 | بحالي جو فيصلو

بقايا | 17 | ساڙهي ويو

بقايا | 18 | وارثن جو احتجاج

بقايا | 19 | چڙا سڙي ويا

بقايا | 20 | جسقم ڀارت احيان

بقايا | 21 | سڙي زخمي

بقايا | 22 | زخمي

بقايا | 23 | شامل ٿي ويو

بقايا | 24 | حسن جو جائزو

بقايا | 25 | آءِ سي سي

بقايا | 26 | انتظار

بقايا | 27 | رد ڪري ڇڏيو

بقايا | 28 | ڳالهيون

بقايا | 29 | شيٽش

بقايا | 30 | برازيل

بقايا | 31 | ايران

بقايا | 32 | معاهدي جو اعلان

بقايا | 33 | مختلف بحثا شامل

بقايا | 34 | ميرٽ ڪندو

بقايا | 35 | ڇٽا ٿوٽ

بقايا | 36 | فوت

بقايا | 37 | اسماعيل راهو

بقايا | 38 | ويجها فوت

بقايا | 39 | شخص مٽ آير

بقايا | 40 | وارثن حوالي

بقايا | 41 | ساڙهي شاهر

بقايا | 42 | آءِ جي سنڌ

بقايا | 43 | چار ڄڻا فوت

بقايا | 44 | لاڙڪاڻي قرار

بقايا | 45 | ٻه نوجوان فوت

بقايا | 46 | طارق تالپر

بقايا | 47 | مٺ آير

بقايا | 48 | طور ڪوليا ويا

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 25 جنوري 2026ع

ٽرمپ جو ”امن بورڊ“: عالمي اختلاف ۽ پاڪستان اندر وڌندڙ سياسي ٽڪرار

فريد احمد

نئين سال 2026ع جي شروعات سان، آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جا ٻه قدم عالمي ڌيان جو مرڪز بڻجي چڪا آهن. هڪ طرف گرين لينڊ تي امڪاني آمريڪي قبضي بابت بيان ۽ ٻئي طرف غزه لاءِ تجويز ڪيل تڪراري ”امن بورڊ“ جنهن نه رڳو عالمي سفارتڪاريءَ ۾ وڏو تحرڪ آندو آهي، پر آمريڪا ۽ ان جي ويجهن يورپي اتحادين وچ ۾ اختلافن کي به وڌائي ڇڏيو آهي.
سوئٽزرلينڊ جي شهر ڊيووس ۾ ورلڊ اڪنامڪ فورم ۾ ”امن بورڊ“ جي عهدنامي تي صحيحون ڪرڻ جي تقريب کان پوءِ اهو فورم صرف غزه تائين محدود ناهي رهيو، پر هڪ وسيع عالمي پليٽ فارم طور اڀري آيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف پاران ان جي عهدنامي تي صحيحون ڪرڻ کان پوءِ پاڪستان به هن بورڊ جي باني ميمبرن ۾ شامل ٿي ويو آهي، جڏهن ته ملڪ اندر ۽ پرڏيهه ۾ (ن) ليگ حڪومت جي هن فيصلي تي سنجيده سوال اٿاريا پيا وڃن.

برطانيا ۽ يورپ جو محتاط پر چٽو انڪار

برطانيا سرڪاري طور تي صدر ٽرمپ جي ”امن بورڊ“ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ برطانوي حڪومت وچ اوڀر ۾ امن لاءِ ٽرمپ جي 20 نقاطي منصوبي جي حمايت ڪري ٿي پرڏيهي سيڪريٽري يويٽ ڪوپر مطابق ”برطانيا ڪجهه بنيادي سببن جي ڪري بورڊ ۾ شامل نه ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي.“
برطانيا روس جي امڪاني شموليت بابت سخت خدشن جو اظهار ڪيو آهي، خاص طور تي اهڙي وقت جڏهن يوڪرين ۾ روس جي فوجي جارحيت جاري آهي. ان کانسواءِ برطانيا ”امن بورڊ“ جي عهدنامي کي اهڙو قانوني معاهدو سمجهي ٿو جيڪو غزه جي تڪرار وارين حدن کان گهڻو اڳتي نڪري، نوان قانوني ۽ سفارتي مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿو. برطانيا جو چوڻ آهي ته هو غزه ۾ امن ڪوشش کي مڪمل ميمبر بڻجڻ بدران متبادل ۽ مددگار طور پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهندو.
برطانيا کانسواءِ فرانس، جرمني، اٽلي ۽ اسپين جهڙن وڏن يورپي ملڪن پڻ امن بورڊ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو آهي يا سخت خدشا ظاهر ڪيا آهن. اسپيني وزيراعظم واضح طور تي چيو آهي ته ”اسان هڪ اهڙي نام نهاد امن بورڊ جو حصو نٿا ٿي سگهون، جنهن ۾ فلسطيني اڳواڻ شامل نه هجي.
ڪجهه شرطن تي بورڊ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار هو پر ڪيناڊا جي وزيراعظم مارڪ ڪارنيءَ ورلڊ اڪنامڪ فورم دوران آمريڪي پاليسين تي سخت تنقيد ڪئي، جنهن کان پوءِ ٽرمپ سوشل ميڊيا تي اعلان ڪيو ته ڪيناڊا کي ڏنل دعوت واپس ورتي پئي وڃي. ٽرمپ اڳ ۾ فرانسيسي صدر ايمانوئل ميڪرون تي به تنقيد ڪري چڪو آهي.

پاڪستان ۾ سياسي ڇڪتاڻ

پاڪستان ۾ ٽرمپ جي ”امن بورڊ“ ۾ شامل ٿيڻ جو حڪومتي فيصلو سخت سياسي ٽڪرار بڻجي چڪو آهي. پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾، مخالف ڌر حڪومت تي الزام هنيو ته هن پارليامينٽ ۽ ڪابينا کي اعتماد ۾ وٺڻ کانسواءِ اهڙي وڏي عالمي فيصلي تي صحيحون ڪيون.
مجلس وحدت المسلمين پاڪستان جي سربراهه علامه راجا ناصر عباس جو چوڻ هو چاڪاڻ ته صرف فلسطيني عوام کي ئي غزه ۽ اولهه ڪناري جي مستقبل بابت فيصلو ڪرڻ جو حق آهي.“

اسرائيل، ڪينيڊا ۽ ٽرمپ جي ناراضگي

دلچسپ ڳالهه اها آهي ته اسرائيل، جنهن بورڊ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت باضابطا طور قبول ڪئي هئي، پر اهو صحيحون ڪرڻ واري تقريب ۾ ظاهر نه ٿيو. اڳ ۾ اهڙيون رپورٽون هيون ته اسرائيل ترڪيءَ جي شرڪت تي ارهو آهي، جڏهن ته پوءِ هن انهي معاملي تي رضامندي ظاهر ڪئي هئي.
ٻئي طرف صدر ٽرمپ ڪيناڊا کي امن بورڊ ۾ شامل ٿيڻ واري ڏنل دعوت واپس وٺي ڇڏي آهي. شروعاتي خدشن باوجود، ڪينيڊا ته حماس کي بي هٿيار ڪرڻ جو ڪم جيڪو اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو نه ڪري سگهيو، هاڻي ”امن بورڊ“ ذريعي ڪيو پيو وڃي، ۽ ڪنهن به صلاح مشوري کان سواءِ پاڪستان هن منصوبي جو حصو بڻجي ويو آهي. سنڌس مطابق، هن بورڊ جو مقصد فلسطينين جي آزادي ۽ مزاحمت کي ڪچلڻ آهي، جنهن سان پاڪستان جي بين الاقوامي ساک تي منفي اثر تي هاڃيڪار اثر پئجي رهيو آهي.
جميعت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان پڻ تنقيد ڪئي ۽ سوال ڪيو ته وزيراعظم پارليامينٽ ۽ ڪابينا کي اعتماد ۾ وٺڻ کانسواءِ اهو فيصلو ڪيئن ڪيو. هن چيو ته ”اسان جنهن رخ ۾ وڃي رهيا آهيون اهو پاڪستان جي مستقبل لاءِ اونداهيءَ وارو رستو آهي.“
تحريڪ انصاف پڻ هڪ بيان ۾ امن بورڊ ۾ پاڪستان جي شموليت کي رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ حڪومت جي فيصلي کي ناقابل قبول قرار ڏنو آهي.

حڪومتي موقف

حڪومت طرفان مخالف ڌر جي تنقيد جو جواب ڏيندي، منصوبابنديءَ واري وفاقي وزير احسن اقبال جو چوڻ هو ته اڄ اسين ان امن کي رد ڪرڻ جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون، جنهن جي خوشي فلسطيني عوام ملهائي هئي. سندس مطابق، جيڪڏهن پاڪستان ٻين اسلامي ملڪن سان گڏجي فلسطيني عوام لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو، ته اها هڪ وڏي سفارتي ڪاميابي هوندي، نڪي ناڪامي.

عالمي تنقيد ۽ شڪ

نامياري صحافي ۽ تجزيه نگار حامد مير مطابق، اولهه جي ميڊيا ۾ امن بورڊ کي ”بين الاقوامي فراڊ“ قرار ڏنو پيو وڃي، ڇاڪاڻ ته غزه جي نالي تي ٺهيل هن فورم ۾ نه فلسطينين جي نمائندگي آهي، نه ئي غزه جي اصل ڌرين جي. سندس مطابق، اهو نه رڳو فلسطينين سان، پر گڏيل قومن سان به فراڊ آهي.

نتيجو

ٽرمپ جو ”امن بورڊ“ ظاهري طور تي غزه ۾ امن، نئين سر تعمير ۽ جٽاداريءَ لاءِ پيش ڪيل هڪ نئون عالمي فورم آهي، پر يورپي ملڪن جي انڪار، فلسطيني نمائندگيءَ جي اڻهوند، مالي شرطن ۽ آمريڪا جي وڌندڙ اثر ان جي ساک بابت سنگين سوال اٿاري ڇڏيا آهن. پاڪستان جي شموليت ملڪ اندر هڪ نئون سياسي بحران پيدا ڪيو آهي، جڏهن ته بورڊ اڳ ئي بين الاقوامي سطح تي اختلافن ۽ شڪن ۾ ڦاٿل آهي ۽ خاص طور تي مخالف ڌر جون پارٽيون ان معاملي تي عوام کي ڀڙڪائڻ جا جتن ڪنديون، خاص ڪري مذهبي جماعتون جن سڄي عمر فلسطين ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي لتاڙ تي آواز اٿارڻ ذريعي پنهنجي سياست کي سگهارو ڪيو آهي ۽ اسلامي دنيا مان هر لحاظ کان مدد حاصل پڻ ڪئي آهي، اهي جماعتون هن مسئلي تي پنهنجي ساک کي بچائڻ لاءِ ڪوشش ضرور ڪنديون، جن جا ڪارڪن پرجوش ۽ نظرياتي پڻ آهن. ان ڪري وڏو امڪان آهي ته اهو معاملو گهٽي سنگين شڪل اختيار ڪري.

آمريڪا جي ايران سان ٻيهر ڇڪتاڻ

فيضان احمد

وچ اوڀر هڪ ڀيرو ٻيهر شديد جاگرافيائي ۽ فوجي ڇڪتاڻ جي ور چڙهيل آهي، جتي ايران، اسرائيل ۽ آمريڪا وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ نه رڳو علائقي پر عالمي امن لاءِ به ڳڻتيءَ جوڳي بڻجي رهي آهي. گذريل ڪجهه ڏهاڙن کان ڌرين جي بيانن، فوجي چرپر ۽ سفارتي صف بندين مان ظاهر ٿئي ٿو ته صورتحال انتهائي نازڪ موڙ تي پهچي رهي آهي.
ايراني قيادت صاف لفظن ۾ خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا يا اسرائيل ايران تي ڪنهن به قسم جو سڌو حملو ڪيو ته ان کي مڪمل جنگ سمجهيو ويندو. پاسدارانِ انقلاب جي اعليٰ ڪمانڊرن موجب ايران جون هٿياربند فوجون مڪمل الرٽ آهن ۽ ڪنهن به جارحيت جو فوري ۽ سخت جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهن.
ايران جو چوڻ آهي ته ان تي لڳاتار پابنديون، سياسي دٻاءُ ۽ فوجي ڌمڪيون ان جي خودمختياريءَ خلاف آهن، ۽ هو پنهنجي دفاعي حق تان ڪنهن به صورت ۾ هٽ نه ڪندو. هنن اهو به اشارو ڏنو آهي ته جنگ جي صورت ۾ علائقي ۾ موجود آمريڪي ۽ اسرائيلي مفادن تي حملا ڪندو جنهن سان ٽڪرار هڪ وڏي علائقائي جنگ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو.
ايران جي موقف کي وڌيڪ وزن تڏهن مليو، جڏهن روس ۽ چين سان ان جو وڌندڙ دفاعي ۽ اسٽريٽجڪ تعاون سامهون اچي ٿو. گذريل مهينن دوران ايران، روس ۽ چين وچ ۾ گڏيل فوجي مشقون، هٿيارن جي ٽيڪنالاجي بابت رابطا ۽ سياسي هم آهنگي آمريڪا ۽ ان جي ساٿاري ملڪن لاءِ ڪنهن حد تائين پريشانيءَ جو سبب ضرور آهن.
دفاعي تجزيه نگارن موجب، جيڪڏهن ايران خلاف ڪو وڏو فوجي قدم کنيو ويو ته ماسڪو ۽ بيجنگ جي حمايت، ڇاهي اها اڻ سڌي فوجي هجي، سفارتي، ٽيڪنيڪل ۽ لاجسٽڪ سطح تي اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي، جنهن سان عالمي طاقت جو توازن وڌيڪ پيچيده ٿي سگهي ٿو.
ٻئي پاسي آمريڪا وچ اوڀر ۾ پنهنجي فوجي موجودگي وڌائي ڇڏي آهي. ساموندي ٻيڙا، فضائي دفاعي نظام ۽ اضافي فوجي دستا علائقي ۾ موڪليا ويا آهن. واشنگٽن جو چوڻ آهي ته هو جنگ نٿو چاهي، پر ڪنهن به ”غير ذميوار قدم“ جو جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهي. بهرحال، دفاعي ماهرن جو خيال آهي ته ايتري وڏي فوجي موجودگي پاڻ به هڪ خطري وارو اشارو آهي، جو ته ڪنهن به غلطي يا حادثي سان صورتحال تيزي سان هٿ مان نڪري سگهي ٿي.
عالمي سطح تي هن ڇڪتاڻ سفارتي ورهاست کي به وڌيڪ چٽو ڪري ڇڏيو آهي. يورپي ملڪ عام طور تحمل، ڳالهين ۽ ڇڪتاڻ گهٽائڻ تي زور ڏئي رهيا آهن، جڏهن ته گڏيل قومون بار بار سڀني ڌرين کي صبر ۽ سفارتي رستو اختيار ڪرڻ جي اپيل ڪري رهيون آهن.
ڪيترن ئي يورپي ملڪن جي راڄڌانين ۾ اهو خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا، ايران ۽ اسرائيل وچ ۾ سڌو ٽڪراءُ ٿيو ته ان جا اثر عالمي معيشت، توانائي جي فراهمي، بين الاقوامي واپار ۽ هوائي آمدورفت تائين پکڙجي سگهن ٿا. ڪجهه هوائي ڪمپنين پاران وچ اوڀر جي رستن ۾ تبديلي يا جهاز اڏامن کي معطل ڪرڻ انهن خدشن جو عملي مثال آهي.
دفاعي تجزيه نگارن مطابق سڀ کان وڏو خطرو ”غلط اندازو“ (Miscalculation) آهي. ڪو محدود حملو يا جوابي ڪارروائي جلدي هڪ وڏي جنگ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ خليجي ملڪ، غير رياستي هٿياربند گروهه ۽ عالمي طاقتون به شامل ٿي سگهن ٿيون.
ايران اهو به اشارو ڏنو آهي ته جنگ جي صورت ۾ رڳو فوجي هدف نه پر اسٽريٽجڪ ۽ معاشي مفاد به خطري ۾ پئجي سگهن ٿا، جيڪو عالمي عدم استحڪام کي وڌيڪ وڌائي سگهي ٿو.
ايران، اسرائيل ۽ آمريڪا وچ ۾ موجوده ڇڪتاڻ هاڻي رڳو بيانن تائين محدود ناهي رهي، پر اها عملي دفاعي تيارين ۽ سخت سفارتي موقف ۾ تبديل ٿي چڪي آهي. جيتوڻيڪ سڀ ڌريون ظاهري طور جنگ کان پاسو ڪرڻ جون ڳالهيون ڪن ٿيون، پر زميني حقيقتون وڌندڙ خطرن ڏانهن اشارو ڪن ٿيون.
اهڙي صورتحال ۾ عالمي برادري، خاص طور يورپي ملڪ، گڏيل قومون، روس، چين ۽ علائقائي طاقتن لاءِ اهو هڪ وڏو امتحان آهي ته ڇا اهي سفارتڪاري، ڳالهه ٻولهه ۽ اعتماد سازيءَ ذريعي هن وڌندڙ بحران کي ٽاڙي ڪري سگهن ٿيون يا نه. ٻي صورت ۾، هي ٽڪرار نه رڳو وچ اوڀر پر سڄي دنيا جي امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ وڏو چيلينج بڻجي سگهي ٿو.

ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ لاءِ هڪ دهشتگرد تنظيم کي همٿايو پيو وڃي: اياز لطيف پليجو

ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي ڳالهه سنڌ جي عزتن ۽ غيرتن ۾ هٿ وجهڻ ۽ سنڌ جي هزارين سالن جي تاريخ تي حملي برابر آهي

سنڌ جا 8 ڪروڙ ماڻهو مرڻ مارڻ لاءِ تيار آهن پر ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ٿيڻ نه ڏينداسين، جاگرافيائي حدن سان هٿ چراند بند ڪئي وڃي

ڪراچي ۾ بلديا فيڪٽري سانحي ۽ گل پلازا ۾ ساڳيا هٿ ملوث آهن ٻنهي واقعن ۾ ساڳيو ڪيميڪل استعمال ٿيو آهي: جلسي کي خطاب

ڏڙو (ن ع) ڏڙي لڳ ڊيو سوري تي قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو محبت سنڌ مچ ڪچهري ۽ جلسي عام کي خطاب ڪندي چيو آهي ته ڪراچي کي وفاق حوالي ڪرڻ لاءِ هڪ دهشتگرد تنظيم کي همٿايو پيو وڃي ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي ڳالهه سنڌ جي عزتن ۽ غيرتن ۾ هٿ وجهڻ ۽ سنڌ جي هزارين سالن جي تاريخ تي حملي برابر آهي. هن چيو ته سنڌ جا 8 ڪروڙ ... واقعي جي شفاف جاچ ڪري ملوث جوابدارن کي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي. هن چيو ته ڪراچي جو انتظام 3 مهينن تائين اياز لطيف پليجو جي حوالي ڪيو ڪو ڪراچي جي سمورن ڌوهارين ۽ دهشتگردن کي پاڙ هٽي جيل جي حوالي ڪري ڪين عدالتن ۾ پيش ڪري سڌو ڪري ڏيکاريندس. هن چيو ته وفاقي حڪومت، صدر پاڪستان آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف ۽ نواز شريف ... سنڌ اسيمبلي ڇا پي ڪري اهو سمجهه ۾ نٿو اچي. اياز لطيف پليجو وڌيڪ چيو ته وفاقي ۽ صوبائي حڪومت سنڌي ماڻهن کي روزگار فراهم ڪرڻ بدران بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي نالي تي پنڻ سيکاريو پيو وڃي خوشحال سنڌ جي ماڻهن کي پنڻو فقير بڻايو ويو آهي نوجوانن کي نشي جي طرف ڌڪيو ويو آهي سجاول سميت سنڌ ۾ سليون يونيورسٽيون قائم ڪيون وڃن جلسي کي قومي عوامي تحريڪ جي ...

ڏڙو: اياز لطيف پليجو ٻتوڻ پرسان جلسي کي خطاب ڪندي

ڪوٽڙي سائيٽ لڳ سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي جي ملازمن جو احتجاج

ملازم 14 مهينن جي پگهار جي حاصلات لاءِ سراپا احتجاج بڻجي ويا

موجوده آفيسرن جي ڪري ادارو مالي خساري جو شڪار ٿي ويو آهي: مظاهرين

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ لڳ سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي جا ملازم 14 مهينن جي پگهار جي حاصلات لاءِ سراپا احتجاج. شبير بنگ جي اڳواڻي ۾ سوين ملازمن جو احتجاج جو ڇهين ڏينهن ۾ داخل انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪندي هٽي آفيس جي مئن گيٽ اڳ ويهي رهيا جتي اڳواڻن شبير باجاري ۽ غلام شبير بنگ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ايس ڊي اي جي موجوده آفيسرن جي ڪري ادارو مالي خساري جو شڪار ٿي ويو آهي هنن جي ڪري ئي ايس ڊي اي جو ڏيوالو نڪري ويو آهي جنهن جي ڪري ملازمن جون پگهارون گذريل 14 مهينن کان بند آهن جنهن جي ڪري ملازمن جا ٻچا بکون ڪاٽي رهيا آهن هڪ ويلو کائن ٿا ته ٻئي ويلي لاءِ پريشان آهن ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ شبير سومرو ڪمپيوٽر آپريٽر صبا ابڙو بلڊرن کان هر مهيني اين او سي جاري ڪرڻ لاءِ ڪروڙين روپيا وٺن ٿا پر سرڪاري خزاني ۾ وجهڻ بدران اهي پئسا پاڻ ۾ ورهائي کڻن ٿا جنهن جي ڪري ادارو ڏينهون ڏينهن پوئتي آهي اداري ۾ هڪ روپيو به نه آهي هنن چيو ته اداري جا آفيسر من پسند ماڻهن جون پگهارون ته ڪن ٿا پر جيڪي ريگيولر ملازم آهن انهن کي ديوار ڏانهن ڌڪي ڪ ٻه پگهار ڏني نه ٿي وڃي جنهن سبب ملازم ذهني دٻاءُ جو شڪار ٿي ويا آهن هنن چيو ته مسلسل احتجاج ڪرڻ ۾ مصروف آهيون پر اسان ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي بدران آفيسر پنهنجا کيسا ڀرين ٿا خدارا اسان مسڪينن تي رحم ڪري اسان جون رهيل پگهارون ڏنيون وڃن نه ته احتجاج جو دائرو وڌائي به سگهون ٿا
*****

ڪوٽڙي سائيٽ: سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

ڪڏاپ جي ميونسپل ڪمشنر پاران مختلف علائقن جو دورو

هلڪي ۽ متوقع تيز برسات کي نظر ۾ رکندي سخت هدايتون جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ڪڏاپ جي ميونسپل ڪمشنر ... تي چيئرمين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ڪڏاپ طارق عزيز بلوچ پنهنجي پيغام ۾ ... چيو ته برسات کي نظر ۾ رکندي ...

ايم ڪيو ايم گل پلازه سانحي تي سياست پئي چمڪائي: آصف لغاري

سنڌ ۽ ڌرتي مخالف بيان ڏيئي سنڌين جي دل آزاري ڪري رهي آهي: دريا خان مستوئي

ڪراچي کي وفاق جي انڊر ۾ ڏيڻ جون ڳالهيون احمقانه آهن: اعتبار خان/عبدالخالق/سرائي قربان

شهدادڪوٽ (ن ع) پ پ پ تعلقه شهدادڪوٽ جي صدر مير آصف علي لغاري نائب صدر مير دريا خان ... ۽ پ پ پ جي ميڊيا ٽرائل تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته ايم ڪيو ايم سڌي ريت ڪراچي جي واقعي کانپوءِ سنڌ دشمني تي لهي ڳالهيون ڪري سنڌ ۽ ڌرتي مخالف بيان ڏيئي سنڌين جي دل آزاري ڪري رهيو آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي. هن چيو ته ڪراچي کي وفاق جي انڊر ۾ ڏيڻ جون ڳالهيون ۽ اهڙو مطالبو ڪرڻ سنڌ دشمني وفاق دشمني ۽ غير آئيني ڳالهه آهي.

شهدادڪوٽ: پ پ اڳواڻ صحافين سان ڳالهائيندي

گهوٽڪي ۾ شب برات جي بابرڪت موقعي تي دعوتِ اسلامي جي زيراهتمام عظيم الشان اسلامي اجتماع ٿيندو

گهوٽڪي (ن ع) گهوٽڪي ۾ شب برات جي بابرڪت موقعي تي دعوتِ اسلامي جي زيراهتمام ضلع گهوٽڪي ۾ ڊويزنل سطح تي هڪ عظيم الشان اسلامي اجتماع بينظير پارڪ رحموالي ۾ منعقد ڪيو ويندو ان سلسلي ۾ اجتماع جي تيارين بابت دعوت اسلامي ضلع گهوٽڪي جي نگران ۽ ڪارڪنن جو هڪ اهم مشاورتي اجلاس ذميوارن جي نگراني هيٺ مدني مسجد گهوٽڪي ۾ منعقد ٿيو اجلاس دوران اجتماع جي انتظامي معاملن سيڪيورٽي انتظامن دعوت ۽ اشاعت، نظم و ضبط سميت ٻين اهم معاملن تي تفصيلي غور ڪيو ويو ۽ اهم فيصلا ڪيا ويا. ان موقعي تي خاص زور ڏنو ويو ته واپاري برادري، سياسي ۽ سماجي شخصيتن صحافين ۽ عاشقان رسول صلي الله عليه وسلم کي هن عظيم الشان اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني وڃي ته جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو هن بابرڪت اجتماع ۾ شرڪت ڪري سگهن مشاورتي اجلاس ۾ دعوت اسلامي جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل ذميوار اسلامي ڀائرن شرڪت ڪئي جن کي اجتماع جي مختلف انتظامن بابت اهم ذميواريون ڏنيون ويون اجلاس کي خطاب ڪندي ذميوارن چيو ته اجتماع جا سمورا انتظام بهترين نموني سان مڪمل ڪيا ويندا ته جيئن ڊويزن جي مختلف شهرن مان ايندڙ عاشقان رسول صلي الله عليه وسلم کي ڪنهن به قسم جي تڪليف جو منهن نه ڏسڻو پوي. ذميوارن وڌيڪ چيو ته بينظير پارڪ رحموالي ۾ ٿيندڙ هي اجتماع گهوٽڪي جي تاريخ جو هڪ يادگار ۽ روحاني اجتماع ثابت ٿيندو

جي ڊي اي سنڌ جي حقن لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي آهي: نثار ابڙو

سنڌو درياءَ تي ڏاڙي، معدني وسيلن جي ڦرلٽ خلاف آواز اٿاريو آهي

هن وقت سنڌ ۾ عوام جي حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي ڪوبه بڌڻ وارو نه آهي

گهوٽڪي (ن ع) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس سنڌ جي حقن لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي آهي سنڌو درياءَ تي ڏاڙي، معدني وسيلن جي ڦرلٽ خلاف آواز اٿاريو آهي اهڙن خيالن جو اظهار جي ڊي اي ضلعي خيرپور جي ڪنوينر نثار ابڙو، فنڪشنل مسلم ليگ ضلعي خيرپور جي جنرل سيڪريٽري شاهد الرسول ڇيما، جي ڊي اي تعلقي سوڀوديرو جي ڪنوينر ڊاڪٽر ذاڪر حسين سولنگي، امير طارق ڪبر جن سوڀوديرو ۾ شيخ هائوس تي جي ڊي اي جي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته هن وقت سنڌ ۾ عوام جي حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي ڪوبه بڌڻ وارو نه آهي ان لاءِ عوام کي سڄاڳ ٿيڻو پوندو جي ڊي اي جي پليٽ فارم تان عظيم جدوجهد ڪئي وڃي آهي عوام مايوس نه ٿئي جلد سڄ اڀرندو ۽ ڪارا ڪڪر ٽري ويندا انگريز سامراج سان سورهيه بادشاهه جنگ جوڙي وطن پاڪ ڪرڻ جو شاندار نعرو هنيو ان موقعي تي فنڪشنل مسلم ليگ ليڊيز ونگ تعلقي سوڀوديرو جي صدر شبانا ناز شيخ فنڪشنل مسلم ليگ جي اڳواڻ سيد وقار ممتاز شاهه، يونين ڪائونسل ميرڪ جي چيئرمين معشوق علي پٽي، هاشم سهتو، سليم رضا ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته تعلقي سوڀوديرو ۾ جي ڊي اي کي مضبوط ڪيو ويندو عوام جي ڊي اي سان گڏ آهي ان موقعي تي جي ڊي اي تعلقي سوڀوديرو جو ڪنوينر ڊاڪٽر ذاڪر حسين سولنگي ٿيڻ جي خوشي ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو اجلاس ۾ شمشاد دايو، السامر دايو، ذوالفقار چنڊ، رزينه سهتو، صدف چنڊ، زاهد سهتو، عقيل عباسي، ڪفايت شيخ، راشد سولنگي سميت ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

گهوٽڪي: جي ڊي اي اڳواڻ ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

سنڌالاجي ثقافتي رنگن سان جرڪي پئي، مچ تي سگهڙ ڪچهري ۽ ثقافتي سازن ۽ آوازن جي ورڪا

ثقافتي پروگرام سنڌالاجي جي روايتن ۾ شامل آهن، جن جو مقصد ثقافت جي واڌ ويجهه سان گڏ ميٺ، محبت، امن ۽ رواداري جو پيغام عام ڪرڻ آهي: فتح مري

مچ ڪچهري سنڌ جو اهم ثقافتي رنگ آهي، اهڙي پروگرام کي مليل شاندار موٽ منهنجي همت کي وڌائي ڇڏيو آهي: ڊاڪٽر فياض لطيف

ڄامشورو: سنڌالاجي ۾ ٿيل سگهڙ ڪچهري ۾ وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري، ڊائريڪٽر سنڌالاجي ڊاڪٽر فياض لطيف ۽ ٻيا شريڪ آهن

سنڌ ۾ نياڻين سان ٿيندڙ منظم جنسي تشدد، ادارتي ڌاڙ، ڪارو ڪاري ۽ رياستي بي حسي خلاف احتجاج

سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمراهه سمون جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

چوٽياريون ۽ ٺل جا واقعا رڳو الڳ الڳ ڪيس ناهن، اهي پ پ پ جي عورت دشمن حڪمراني جو نتيجو آهن: اڳواڻ

چوٽياريون ۽ ٺل جا واقعا ثابت ڪن ٿا ته پوليس قانون جي نگهبان نه پر ڏوهارين جي ساٿي بڻجي چڪي آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌياڻي تحريڪ طرفان سنڌ ۾ نياڻين سان ٿيندڙ منظم جنسي تشدد، ادارتي ڌاڙ، ڪارو ڪاري ۽ رياستي بي حسي خلاف ڪالهه پريس ڪلب حيدرآباد آڏو علامتي بک هڙتال ... جو نتيجو آهن. اڄ سنڌ ۾ نه نياڻي محفوظ آهي نه ماءُ نه غريب نه مرد ۽ نه ٻار ...

نار ملڪن جي گڏيل امن مشقن ۾ سعودي عرب جي شرڪت

دوحه (اي پي پي) قطر جي ميزبانيءَ ۾ ٿيندڙ نار امن فورسز جي گڏيل مشقن ”امن العربي 4“ ۾ سعودي عرب جي سيڪيورٽي فورسز جا مختلف جٿا به شريڪ آهن. پرڏيهي خبرن ادارن مطابق نار سهڪار ڪائونسل جي ميمبر ملڪن ۾ سيڪيورٽي ايجنسيز جون ڇوڪريون گڏيل نار مشقون دوحه قطر ۾ ٿي رهيون آهن

سنڌ ۾ پيپلزپارٽي ٻاويهه لک گهر ٺهرايا آهن: نواب خان وسان

قبائلي جهيڙا علائقي جي ترقي ۽ امن و امان جي بحالي ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهن

حڪومتي ۽ عوامي سطح تي حل ڪرڻ جي لاءِ هر ڪنهن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

سوڀوديرو (ن ع) سنڌ ۾ پيپلزپارٽي هڪ ئي وقت ٻاويهه لک گهر عوام کي ڏئي ريڪارڊ قائم ڪري ڇڏيو آهي قبائلي جهيڙا علائقي جي ترقي ۽ امن و امان جي بحالي ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهن حڪومتي ۽ عوامي سطح تي حل ڪرڻ جي لاءِ هر ڪنهن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ... جي گهرواري جي وفات جي تعزيت ڪئي ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 25 جنوري 2026ع

گُل پلازا شاپنگ مال کي لڳندڙ باهه ۽ جاچ رپورٽ!

خبر آهي ته گُل پلازا واقعي جي ابتدائي جاچ رپورٽ تيار ٿي وئي آهي، جاچ ڪندڙ اختيارين موجب سانحي بابت ابتدائي رپورٽ اکين ڏٺن شاهدن ۽ متاثرن جي بيانن جي مدد سان تيار ڪئي وئي آهي، تفصيل موجب ابتدائي طور تي گُل پلازا ۾ باهه هڙادو گُلن جي دڪان ۾ لڳي، امڪان آهي ته ٻار دڪان اندر ماچيس يا لائيٽر سان کيڏي رهيا هئا، شروعاتي طور باهه دڪان ۾ موجود سامان کي لڳي، جيڪا بجليءَ جي تارن ذريعي ڦهلجي وئي، جنهن مان اهو خدشو پڻ واضح ٿيو ته باهه شارٽ سرڪٽ سبب ناهي لڳي. باهه لڳندي ئي عمارت ۾ موجود ماڻهو ٻاهرين نڪرندڙ رستن ڏانهن ڀڄڻ لڳا، جڏهن ته عمارت جا دروازا بند هئڻ سبب ماڻهن جي ڀاڄ پئجي وئي. ذريعن موجب عمارت ۾ اڪثر دڪان کُليل هئا، عمارت جي ڇت ڏانهن ويندڙ رستي تي به گرل لڳل هئي، جڏهن ته باهه لڳڻ سبب عمارت ۾ لڳل سي سي ٽي وي سسٽم پڻ مڪمل طور متاثر ٿيو. ٻئي طرف سرچ ۽ ريسڪيو آپريشن پڻ هلندڙ آهي ۽ پلازا مان هٿ ايندڙ مختلف عضوا اسپتال منتقل ڪيا پيا وڃن. هوڏانهن پوليس سرجن ڊاڪٽر سميه طارق ميڊيا کي ٻڌايو ته "واقعي جي پهرين ڏينهن 6 مڪمل لاش هٿ ڪيا ويا، بعد ۾ 7 انساني جسمن جا الڳ الڳ عضوا اسپتال منتقل ڪيا ويا. مڪمل طور سڙي ويل جسمن مان ڊي اين اي حاصل ڪرڻ هڪ ڏکيو عمل هوندو آهي، انهيءَ باوجود سڃاڻپ جو ڪم جاري رکيو ويو آهي هڏين مان ڊي اين اي حاصل ڪيو ويندو ان حوالي سان جديد فارنزڪ ليبارٽريءَ ۾ مسلسل ڪم ٿي رهيو آهي." هوڏانهن سنڌ حڪومت کي ايم سيءَ جي ميونسپل ڪمشنر سيد محمد افضل زيديءَ کي هٽائي سروسز ڪاتي ۾ رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي، جڏهن ته 19هين گريڊ جي سُميره حسين کي ميونسپل ڪمشنر جي اضافي چارج سونپي وئي آهي. سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل جي گڏيل ٽيڪنيڪل ڪاميٽيءَ گُل پلازا جو تفصيلي دورو ڪرڻ بعد عمارت کي غير محفوظ قرار ڏئي ڇڏيو آهي ۽ هنن پاران ريسڪيو آپريشن مڪمل ٿيندي ئي گُلا پلازا کي ڊاهڻ جي سفارش ڪئي آهي، ڇو ته باهه سبب عمارت کي شديد نقصان پهتو آهي، جنهن ڪري عمارت جو وڌيڪ استعمال خطري کان خالي ناهي. سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽيءَ موجب گُل پلازا 8124 چورس وال تي ٺهيل هو جنهن تي 1102 دڪان اڏيل هئا.

ابتدائي جاچ رپورٽ مان جيڪي حقيقتون ظاهر ٿيون آهن سي نه رڳو ڏکوئيندڙ آهن پر اهي شهر جي انتظاميه ۽ لاڳاپيل ادارن لاءِ سواليه نشان بڻيل آهن. بلڪ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي سميت لاڳاپيل ادارن جو ڪم سانحي کانپوءِ رڳو رپورٽون ناهڻ يا عمارت کي غيرمحفوظ قرار ڏياري ڊاهڻ جون سفارشون ڪرڻ ناهي پر ڪنهن به امڪاني حادثي کان اڳواٽ نگراني، عمارت جي هر هڪ حصي جي باقاعدگيءَ سان جاچ ڪرڻ ۽ قانونن تي عمل ڪرائڻ يقيني بڻائڻ آهي. ان کان علاوه صرف هڪ ئي ميونسپل ڪمشنر کي هٽائڻ وارو فيصلو انتظامي طور تي سٺو قدم آهي پر اها به حقيقت آهي ته ڪنهن هڪ اڌ آفيسر کي تبديل ڪرڻ بدران، جيسٽائين اصل ذميوارن جو تعين نه ٿيندو ۽ ڪين سزا نه ملندي تيسٽائين اهڙا سانحا ٿيڻ معمول سان ٿيندا رهندا. تنهنڪري اسان کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته عمارت ۾ لڳندڙ باهه جي شدت ۽ عمارت جا دروازا ۽ اندروني طور تي سڃي بند هئڻ وڌيڪ نقصان جو سبب ٿيو. جيڪو اڳواٽ احتياط سان گهٽائي سگهجي ها. بهرحال گُل پلازا سانحو اسان سڀني لاءِ هڪ سبق آهي. جيڪڏهن اڄ به اسان نه سکياسين پوءِ سڀائي ڪنهن ٻئي پلازا، عمارت يا ڪنهن ٻئي هنڌ تي اهڙو ئي الميو پيش اچي سگهي ٿو. ڇو ته ماڻهن جي جان جو تحفظ صرف تقريرون ڪرڻ سان نه پر عملي طور قدم کڻڻ، سخت قانون لاڳو ڪرڻ ۽ نگراني ڪرڻ سان ئي ممڪن آهي.

مايوسي جي مرض جو علاج!

پير دلبر سائين

زندگيءَ ۾ ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن مرحلي تي مايوسيءَ جو شڪار ٿي پوندو آهي اها مايوسي ڪڏهن ملي مسئلن جي ڪري هوندي آهي ته ڪڏهن سماجي ناانصافين جي ڪري ٿيندي آهي ته ڪڏهن داخلي بيچيني نفسياتي دٻاءُ يا گناهن جي بار جي ڪري ٿيندي آهي اهڙين حالتن ۾ انسان جي دل ڪمزور ٿي پوندي آهي سندس اميدن جا ڏيئا وسامي ويندا آهن. ان وقت ڪيس سڀ کان وڌيڪ جيڪا ڳالهه گهربل هوندي آهي سا ڪنهن جو ساٿ، ڪنهن مهربان ماڻهوءَ جي قربت، ڪنهن جي اميد ڀري ڳالهه ٻولهه. بلڪل اهڙي ريت جيئن ڪنهن جسماني بيمار کي تيمار دار جي گهرج هوندي آهي تيئن مايوس دل به روحاني تيمارداري گهري ٿي. نفسيات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته مايوسيءَ ۾ ورتل ماڻهوءَ جو دماغ اميد جا سگنل گهٽ موڪليندو آهي تنهنڪري سندس ذهن ۾ منفي سوچون وڌڻ لڳنديون آهن اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪيس عزت سهڪاري لهجو يا دعائن سان مخاطب ٿئي ته سندس دماغ به هيهر مثبت لهرن تي ڪم ڪرڻ لڳندو آهي. ان ڪري مايوس انسان سان حُسنِ سلوڪ حقيقت ۾ انهن جي نفسياتي تندرستيءَ جو پهريون ڏاڪو هوندو آهي مايوسيءَ جو شڪار ماڻهو گهڻو ڪري اندروني جنگ وڙهندي وڙهندي ٿڪجي پيو هوندو آهي. ڪيس سهاري جي ضرورت هوندي آهي مايوسي هڪ بي پاڙي ول وانگر آهي اها جنهن وڻ کي ورتي آهي تنهن کي ساڙي، سڪائي ۽ ناس ڪري ڇڏيندي آهي بلڪل اهڙي طرح مايوسي به ماڻهن کي ڳاري ۽ ماري ڇڏيندي آهي هر بيماريءَ جو علاج آهي مايوسيءَ جي مرض جا ڪجهه علاج پيش آهن مايوسيءَ جو علاج الله تي پختو يقين رکڻ آهي نماز باقاعدگي سان ادا ڪرڻ دل جي مايوسي ختم ڪري ٿي توبهه ڪرڻ سان دل کي سڪون حاصل ٿئي ٿو. قرآن جي تلاوت روحاني روشني پيدا ڪري ٿي ۽ صبر مايوسيءَ کي اميد ۾ بدلائي ٿو صبح جو ذڪر مايوسيءَ جي فضا کي ٽوڙي ڇڏيندو آهي رات جو استغفار ڪرڻ دل جي بار کي هلڪو ڪري ٿو، دعا سان دل جون بند دريون کلنديون آهن ۽ شڪر ڪرڻ انسان کي نفسياتي طرح مثبت بڻائي ٿو سٺو ساٿي رکڻ دل کي مايوسيءَ مان بچائيندو آهي ذهني سُک لاءِ وقت تي ننڊ ضروري آهي سادگيءَ سان زندگي گذارڻ ذهن کي هلڪو ڪري ٿو حلال روزي ڪمائڻ دل ۾ نور پيدا ڪري ٿو ديني ڪتابن جو مطالعو روح کي تقويت ڏئي ٿو. صوفياڻي شاعريءَ سان دلين کي آرام ملي ٿو ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ دل جي اداسي ختم ڪري ٿي معاف ڪرڻ سان اندر جو زهر نڪري وڃي ٿو سچو روئڻ رب جي رحمت جا در کولي ٿو. اچڻ واري هر آزمائش کي الله جي حڪمت سمجهڻ ۾ آساني آهي روزانو ورزش نفسياتي سڪون ڏيندي آهي ۽ تازي هوا ۾ هلڻ جذباتي بار گهٽائيندو آهي اکين ۾ هلڪو ڳوڙهو به سڪون ڏيندو آهي منفي سوچن کان بچڻ مايوسيءَ جو اول علاج آهي. پنهنجين غلطين کي قبول ڪرڻ دل جي صفائي آهي ۽ نماز پڙهڻ روح کي طاقت ڏئي ٿو الله جا نالا ورجائڻ دل جي دوائن مان هڪ دوا آهي قناعت اختيار ڪرڻ روحاني حفاظت آهي الله ۾ ئي اميد رکڻ آسانيءَ جي راهه آهي هر ڏينهن لاءِ نئون عزم رکڻ ۾ ڪاميابي آهي ۽ جتي وس نه هلي ان تي فڪر نه ڪرڻ ۾ خير آهي وڏي دل رکندڙ ماڻهو ڪڏهن مايوس نه ٿيندا آهن. دل جي ڳالهه الله سان ڪرڻ سڪون ڏئي ٿو وقت تي کاڌو ۽ آرام مايوسي گهٽائي ٿو سلجهيل ماڻهن سان ڳالهائڻ مسئلن جو حل ڏيکاريندڙ آهي ماءُ جي خدمت جو روحاني قل ڪشادگي آهي اکين ۾ نرمي رکڻ سان دل نرم ٿيندي آهي بي فائده ياڏگيرين مان نڪرڻ سڪون ڏئي ٿو. خدمتِ خلق سان رب راضي ٿيندو آهي ۽ سٺين ڳالهين تي غور ڪرڻ فڪر جي طاقت وڌائيندڙ آهي الله تعاليٰ لاءِ جيئڻ زندگيءَ جي آساني آهي. ماڻهن کي معاف ڪرڻ مايوسي دور ڪندڙ آهي ڪائنات جي سونهن تي غور ڪرڻ دل کوليندڙ آهي رات جو تهجد دل جي بي چيني ختم ڪندڙ آهي قرآني آيتون حفظ ڪرڻ روح جي غذا آهي هر ساهه پساهه تي شڪر ڪرڻ ۾ صحت جو راز آهي. پنهنجي حيثيت قبولڻ ڪانپوءِ امن ملندو آهي تقدير تي راضي رهڻ مايوسيءَ جو سڀ کان وڏو علاج آهي ڪمن ۾ مصروف رهڻ مايوسيءَ کان بچائيندڙ آهي خود احتسابي نجات جي ڪنجي آهي خاموشيءَ سان ڪنهن جي مدد ڪرڻ ۾ شفا ملي ٿي معاف ڪرڻ جي عادت دل کي ڪشادو ڪندي آهي شب برات ۾ جاڳڻ دل جي زندگي آهي علم مٿان عمل ۽ عمل ۾ اخلاص مايوسيءَ جو خاتمو آهي سٺو ڪتاب پڙهڻ دل کي وندرائيندڙ آهي اوليا جي سوانح جو مطالعو همت وڌائيندو آهي پنهنجي حالت بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ۾ ڪامراني آهي الله جي تقدير تي راضي رهڻ مايوسيءَ جو تڪڙو علاج آهي خوشبو لڳائڻ من جو مونجهارو لاهيندڙ آهي دل جا ڏک لاهڻ لاءِ قرآن پڙهڻ ڏاڍو مفيد آهي صدقو ڏيڻ مايوسيءَ جي ڪيفيت مٽائيندڙ آهي ذڪر جي محفل ۾ ويهڻ دل جي دوا آهي سٺي نيت رکڻ دل کي پاڪ ڪندڙ آهي دنيا کي عارضي ڄاڻڻ گهڻن مونجهارن جو حل آهي زندگيءَ کي تحفو سمجهي قبول ڪرڻ باعث راحت آهي مسڪراهٽ کي صدقو سمجهي اختيار ڪرڻ خوشيءَ جو راز آهي دل جو حال دل واري سان بيان ڪرڻ بار هلڪو ڪندڙ آهي ماءُ پيءُ جون دعائون وٺڻ رحمت جو وسيلو آهي صدق دل سان توبهه ڪرڻ هر درد جي دوا آهي ۽ الله ۾ اميد رکڻ ايمان جي علامت آهي روح جي بيداري مايوسيءَ جو خاتمو آڻي ٿي دل جي سختي لاهڻ لاءِ الله اڳيان روئڻ مفيد آهي بي سبب سوچن کان بچڻ مايوسيءَ کي ٽوڙيندڙ آهي دنيا جي گهٽائي واري حرص کي ڇڏڻ سڪون آڻيندڙ آهي نفس جي مخالفت ڪرڻ الله جي رضا حاصل جي راهه آهي ۽ الله جي نالن جو ذڪر ڪرڻ خير جا دروازا کوليندڙ آهي الله جي وحدانيت کي مڃڻ هر پريشانيءَ کان بچائيندڙ آهي سچو دوست چونڊڻ مايوسيءَ جو حصار ٽوڙيندڙ آهي. الله جي عبادت ڪري دل سان ادا ڪرڻ مايوسي لاهيندڙ آهي ۽ سجدن جي ڪثرت

سنڌ جي جوڌن جا اڻپورا خواب پورا، هڙادو يوٽيوب آٽوميشن!

غلام فاروق

سنڌ جي هر نوجوان جي دل ۾ هڪ خواب هوندو آهي ته هُو زندگيءَ ۾ ڪجهه وڏو ڪري، پنهنجي خاندان جي مدد ڪري، پنهنجا خرچ پاڻ پورا ڪري ۽ آزاديءَ سان زندگي گذاري پر گهڻو ڪري وقت ۽ پئسن جي کوٽ، بيروزگاري يا ٻين مسئلن ڪارڻ اهي خواب اڻپورا رهندا آهن پر اڄ به هڪ اهڙو رستو کليل آهي جنهن لاءِ توهان کي آفيس وڃڻ جي ضرورت ناهي نه ئي ڪنهن کي پئسا ڏيڻا آهن ۽ نه ئي پنهنجو چهرو دنيا آڏو رکڻو آهي جي ها اهو رستو يوٽيوب آٽوميشن جو آهي، جيڪو هڙادو ذهانت، يعني (اي آءِ) جي مدد سان هلندو آهي تصور ڪريو ته توهان پنهنجي گهر ۾ ويٺا آهيو، صبح جو جاڳهه پي رهيا آهيو ۽ توهان جو يوٽيوب چينل رات جو به پئسا ڪمائي رهيو آهي اهو خواب نه آهي پر اڄڪلهه جي حقيقت آهي ۽ پنجاب جا هزارين ۽ سنڌ جا ڪجهه نوجوان هن طريقي سان پنهنجي زندگي بدلائي رهيا آهن يوٽيوب آٽوميشن نهايت هڪ سولي ڳالهه آهي هيءَ هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ توهان پنهنجو چينل ناهي هڙادو ذهانت جي مدد سان ويڊيوز ٺاهڻ ڪان وٺي انهن کي اپلوڊ ڪرڻ، عنوان لکڻ ٽيگز لڳائڻ ۽ ويُوز آڻڻ تائين سڀ ڪجهه اي آءِ توهان جي هڪ ماهر استاد جيان رهنمائي ڪندو آهي توهان کي صرف شروعات ۾ ٿوري محنت ڪرڻي پوندي، پوءِ اهو عمل پاڻمرادو هلندو رهندو جڏهن توهان پڙهندا آهيو، دوستن سان گڏ گهمو ٿا يا ننڊ ۾ آهيو، تڏهن به توهان جو چينل يوٽيوب ڪان اشتهارن مان پئسا ڪمائيندو رهندو آهي ان آمدنيءَ کي غير متحرڪ آمدني چئبو آهي يعني اهڙي آمدني جيڪا بغير ٺئين محنت جي عيوض ايندي رهي دنيا ۾ لکين ماڻهو هن طريقي سان پئسا ڪمائي رهيا آهن ۽ پاڪستان جي پنجاب صوبي ۾ به اهو رجحان تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي

پنجاب ۾ هن طريقي سان ماڻهن جون زندگيون بدلجي ويون آهن رحيم يار خان جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ لڳ ڀڳ 10 کان 15 هزار ماڻهو يوٽيوب آٽوميشن سان پئسا ڪمائي رهيا آهن اهو ڳوٺ هاڻي "يوٽيوب ڳوٺ" سڏجي ٿو ان ڳوٺ جي هر عمر جا مرد ۽ عورتون پنهنجو چهرو ڏيکارڻ بنا اي آءِ جي مدد سان دلچسپ ويڊيوز ناهيندا آهن جهڙوڪ صحت جا ٽوٽڪا، پئسن جي بچت جا طريقا، مزاح يا عجيب حقيقتون ۽ اهي ويڊيوز لکين ويُوز حاصل ڪن ٿيون ۽ هر ماڻهو مهيني ۾ لکين روپين جو پرڏيهي ناڻو ڪمائي سگهي ٿو. هتي جا نوجوان ۽ بزرگ به هن ڪم ۾ شامل آهن مثال طور تي سعد راشد لاهور جو مشهور يوٽيوبر آهي، جنهن هن طريقي کي پنجاب ۾ مشهور ڪيو هڪ لاهور جي ڇوڪري هر مهيني 3 لک 50 هزار روپين کان وڌيڪ ڪمائي رهي آهي ۽ هن آفيس جي نوڪري ڇڏي ڏني آهي ان کان علاوه رحيم يار خان واسين محمد اشفاق پڻ هڪ آهي، جيڪو اڳ فوڊ پانڊا تي رائيڊر هو پر هاڻي صحت وارين ويڊيوز ناهي هر مهيني 2 لک کان وڌيڪ ڪمائي ٿو 14 سالن جو سالار به اتان جو رهاڪو آهي، هو موٽر هومر تي ويڊيوز ٺاهي ٿو ۽ ٻن مهينن ۾ ئي آمدني شروع ٿي وئي وڪي واڪس ۽ سجيد افضل جهڙا يوٽيوبر به هر مهيني لکين روپيا ڪمائين ٿا. اهي سڀ مثال ڏيکارين ٿا ته پنجاب ۾ يوٽيوب آٽوميشن هڪ انقلاب آڻي رهيو آهي پر ان حوالي سان سنڌ به پوئتي نه آهي اسان جي صوبي ۾ به يوٽيوب مان وڏيون ڪاميابيون حاصل ٿي رهيون آهن سلمان نعمان ڪراچيءَ جو آهي ۽ پاڪستان جو پهريون يوٽيوبر آهي، جنهن هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ سبسڪرائيبرز حاصل ڪري ورتا آهن هن جو چينل مزاح ۽ موسيقيءَ تي ٻڌل آهي عرفان جوڻيجو پنهنجي زندگيءَ جون دلچسپ ڳالهيون ۽ ولاگ ناهي ٿو مورو، يعني تيمور صلاح الدين جو پوڊڪاسٽ تمام مشهور آهي فوڊ فيوزن لذيذ سنڌي ۽ پاڪستاني کاڌن جون ويڊيوز ناهي ٿو ۽ لکين ماڻهو انهن کي ڏسن ٿا. اهي سڀ يوٽيوبر ثابت ڪن ٿا ته سنڌ ۾ به يوٽيوب کي استعمال ڪرڻ سان وڏي آمدني ممڪن آهي ۽ جيڪڏهن اسان اي آءِ جي مدد سان آٽوميشن جو طريقو سکون ٿا ته اهو ڄاڻ به ٿين آسان ۽ ڪارآمد ٿي ويندو

اصل ڳالهه هيءَ آهي ته اي آءِ توهان جي مدد ڪيئن ڪندو؟ اي آءِ هڪ اهڙو ذهين ۽ وفادار دوست آهي جيڪو 24 ڪلاڪ توهان سان گڏ هوندو آهي ۽ هر شيءِ مفت ۾ سيکاري ٿو توهان کي ڪنهن استاد يا ڪورس لاءِ هزارين روپيا خرچ ڪرڻ جي ضرورت نه آهي اي آءِ توهان کي هر قدم تي رهنمائي ڪندو ڪيترائي ماڻهو وڏا ڪورس پڙهائين ٿا ۽ توهان جو وقت ۽ پئسا وڃن ٿا پر اهي اڪثر هڪ ئي ڳالهه ورجائيندا آهن اي آءِ مفت آهي، فوري جواب ڏئي ٿو ۽ توهان سان هر وقت گڏ آهي بس هڪ سٺو پرامپٽ لکو ۽ سڀ ڪجهه تيار ٿي ويندو

توهان جو هڪ چينل نه رڳو پئسا ڪمائي سگهي ٿو پر سنڌي ٻوليءَ جي بقا، مضبوط ۽ ان کي علمي سطح تي متعارف ڪرائي سگهي ٿو سوچيو ته توهان جو وڊيو ڏسندڙ آمريڪا، يورپ، دبئي، سعودي عرب يا ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ٻڌي خوش ٿئي ٿو ۽ چوي ٿو ته "واهه...! اسان جي ٻولي ڪيتري پياري آهي!" اسان وٽ شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو شاهڪار آهي اسان وٽ سچل سرمست رح جو روحاني آواز آهي، اسان وٽ لاڙ ٿر، ڪوهستان ۽ سمنڊ جون دلڪش ڪهاڻيون آهن پر اڄڪلهه جي دنيا ۾، جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻوليءَ کي يوٽيوب تي نه آڻينداسين ته ايندڙ نسل کي اهو ورثو ملڻ ڏکيو ٿي ويندو

(ليکڪ ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي ايڇ ڊي ريسرچ اسڪالر (آءِ آءِ) يونيورسٽي آف يونيمارڪوني اٽلي ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر اي آءِ ۽ ريسرچ ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز آهي.)

منهنجي شڪارپور جا احوال!

منظور ڪوسو

اتر سنڌ جو تاريخي شهر شڪارپور علمي ادبي توڙي سماجي حوالي سان هڪ خاص حيثيت رکي ٿو جيڪا هُو ورهاڱي کانپوءِ اُتين سمجهو ته وڃائي چڪو آهي ادارا ناهڻ ۽ هلائڻ هندو سيٺين واهه جو جاتو پائيندڙ واپارين جن کي خيراتي ڪم ڪري ڪين روحاني سڪون ملندو هو سي سڀ هتان لڏي ويا ۽ باقي جيڪو ڪجهه ڇڏي ويا اسپتالون، اسڪول ۽ ڪاليج آهي اسان هلائڻ ته پنهنجي جاءِ تي اُتين سمجهو ته وڃائي ويٺاسين. ان جو ثبوت ڪڏهن اوهان راءِ بهادر اوڌو داس جي ٺهيل شاندار سول اسپتال جو دورو ڪري سگهو ٿا، هڪ خوبصورت عمارت جنهن جي پيشانيءَ تي سرڳواسي راءِ بهادر ڀٽائيءَ جو هي بيت اُڪرائي ڇڏيو.

'صاحب ڏيج شفا ميان مريضن کي'

ڀٽائي صاحب جي ان دعائيه بيت جو ڪو اثر آهي جو بيمار ان اسپتال مان سٺين پيرين گهر واپس وڃي ٿو نه ته اڪثر مريض سکر يا لاڙڪاڻي جي اسپتالن ڏانهن ريفر ڪيا وڃن ٿا، جتي وچارا پرائيويٽ سينٽرن ۾ پنهنجا مال مڏيون ۽ گهروڪٽي پوءِ واپس اچن ٿا، ڇو ته خانگي اسپتالن جو سرڪاري سطح تي نه ڪو چيڪ اينڊ بئلنس آهي ۽ نه ئي اُتي ترس نالي جي ڪا شيءِ آهي جيڪڏهن مريض خدا کي پيارو ٿي ويو ته ميت به ضبط ڪندس ۽ اسٽائين نه ڇڏيندس جيسٽائين وارث ٽوٽل بل ادا نٿا ڪنس ڪيتري نه افسوس جي ڳالهه آهي جو ماڻهو پنهنجي بنيادي حق يعني صحت جون سهولتون حاصل ڪرڻ لاءِ به پنهنجا جهڳا وڪڻي ڇڏين هتان جا سياستدان جيڪي اڪثر حڪمران ڌر سان لاڳاپيل رهيا آهن ڪين گهرجي ته هن اسپتال کي غلام محمد مهر ٽيچنگ اسپتال جي حوالي ڪن ته بهتر آهي، پوءِ من ڪو ماڻهو سک جو ساهه کڻن

اُتين ڪونه آهي ته ڪو هندو سيٺين جي لڏي وڃڻ کانپوءِ اسان هتي ڪي سچا تلها باقي بچيا آهيون. نه شڪارپور ۾ هن وقت به مال ۽ دولت رکندڙ لوب پتي ماڻهو موجود آهن جن جا هتي نالا لکڻ ضروري نٿو سمجهان پر اها دل جيڪا هندو سيٺين وٽ هُئي جيڪي جيت جٿين جهرڪن ڪانون ۽ ڪبرن تائين ساهه وارن جي سار سنڀال لهندا هئا، ڪڏهن ۽ گهوڙن لاءِ شهر جي چونڪن تي جيئن جماٽي هال بيدل پبلڪ لائبريري کان ڪجهه اڳتي يا سڪ پل وٽ گاهه پڙي تي جانورن جي پاڻي پيئڻ لاءِ حوض رکرائي اُتي اجوري عيوض ماڻهو مقرر ڪيائون جيئن اهي حوض سدا پاڻي سان ٽمٽار هجن ۽ جانور پاڻي پيئن هاڻي اسان جي مالدار ماڻهو وٽ جن وٽ ڪاري اچي ناتي جي اڻ ميئي دولت موجود آهي پر سندن سيني ۾ اهڙن خدا ترس هندو سيٺين واري دل نه آهي جيڪڏهن ڳالهه ڪندا سين ورهاڱي کانپوءِ تعليمي ادارن جي ته ان لاءِ سيٺ ٻجاج ٽاور گهنٽا گهر کان ڪجهه قدم اڳتي لولهه طرف سيٺ مينگهراج جي اسڪول نيو ڀرا هائي قاضي حبيب الله هائير سيڪنڊري اسڪول شڪارپور سڏيو ويندڙ هن اداري مان شيخ اياز جهڙا شاعر ۽ نورالدين سرڪي جهڙا قانون دان ۽ اديب ميٽرڪ پاس ڪري نڪتا اڄ ان تاريخي تعليمي اداري کي ڏسنداسين ته نهايت ئي افسوس ٿيندو ٻاهران گند ڪچري جا ڍير ۽ اندر ڪلاسن جا ڀڳل ٽٽل فرش ۽ سيڪ ورتل پٽين جا ڦٽي ويل رنگ ڏسي ڪري سيٺ مينگهراج جو روح به روئيندو هوندو اسان کان اهو ڪم پهتو جو تعليمي ادارن جا نالا متاثي سمجهو سين نه ڪو وڏو تير هيوسين باقي ورهاڱي کانپوءِ اسٽائين ڪو نئون ادارو جوڙي نه سگهياسين جنهن تي فخر ڪري سگهجي جهڙو حال تعليمي ادارن جو، نه ليبارٽري جون سهولتون ۽ نه ئي ڪا جدت. ظاهر آهي ته اهي ڳالهيون تعليم تي به اثرانداز ٿينديون ۽ نتيجا به اهڙا ئي ملندا هڪ اٿيوري فرنيچر ۽ ڀڳل ٽٽل فرنيچر جي آسري هڪ ڪلاس ۾ هڪ سئو کان وڌيڪ شاگرد ويهاري هڪ استاد کان اوهان ڪيئن بهتر تدريس جي توقع ڪري سگهو ٿا!

تازو شڪارپور شهر ۾ قبضي خورن خلاف انتظاميه آپريشن clean upشروع ڪيو روڊن رستن جي ڪنڌن ڪنارن ۽ فٽپاٿن تي روزگار ڪندڙ ريڙهي وارن ۽ پٿاري وارن جي خلاف آپريشن ڪيو ويو، انهن کي قبضي مافيا طور سوشل ميڊيا تي متعارف ڪيو ويو. روز ڪمائڻ وارن غريبن ۽ مسڪينن جا لکين روپين جا نقصان ٿي ويا، ٺيڪ اُتين ڪيئندو هو ته شهري انتظاميه مسڪينن جا نقصان ڪرڻ بدران انهن کي سهولتون ڏئي ڪنهن ترتيب ۾ آڻي ها پر ڪين روزگار ڪرڻ جي خوب سزا ڏني وئي جيڪڏهن ڪين قبضا مافيا جي خلاف آپريشن clean upڪرڻ جو ايترو ئي شوق هو ته پوءِ هي سلسلو شڪارپور جي شهر جي ان تاريخي هنڌن کان ٿيڻ گهرجي ها جيڪي واقعي قبضا مافيا جي اک ۾ آهن. جيئن مثال طور تاريخي هليند اُتين واري اسپتال جنهن جي جڳهه مشهور تاريخي علمي ۽ ادبي سياسي شخصيت مرحوم پير علي محمد راشدي جي امڙ جي اکين جو آپريشن به ٿيو هو ڪيترن ئي ايڪڙن تي مشتمل هي تاريخي اسپتال هن وقت ڪنهن جهنگ ٻيلي جو ڏيک پئي ڏئي! جيسٽائين امن ۽ امان جو مسئلو آهي ته ڪو ڏينهن ڪا رات اهڙي نه ٿي گذري جو شهر يا ان جي آس پاس ڪو ڦرلٽ نه وڃي. قبائلي جهيڙن جي اڙ ۾ ڪوواٽ ويندي ماريو نه وڃي اُتين ٿو لڳي ته پوليس ۽ ڌوهارين جي وچ ۾ مقابلو پيو هلي جنهن ۾ عام شهري کي ڌوهاري نشانو پيا بڻائن افسوس جوڳو واقعو گذريل رات لکي نيشنل هاءِ وي رينجرز چوڪي جي پرسان پيش آيو جتي ڌوهارين ۽ پوليس جي وچ ۾ مقابلي دوران لکي جو ايس ايڇ او خميسو خان بروهي ڌاڙيلن جي گولي جو نشانو بڻيو ۽ شهادت ماڻي هن کان چند ڏينهن اڳ شڪارپور ۾ ڌوهارين سان ويڙهه ۾ اي ايس پي شڪارپور پارس بڪرانيءَ ۽ سندس مڙس اي ايس پي ڳوٺي ياسين ظهور احمد سومرو پڻ زخمي ٿي چڪا هئا. ايم اين اي شهريار مهر ۽ شبير احمد بجارانيءَ حڪمران ڌر سان تعلق رکن ٿا، هنن ۽ ٻين سياستدانن ڪيئي ڀيرا اعليٰ اختيارين سان ملاقاتون ڪري مطالبو ڪيو ته ڌوهارين خلاف گرئنڊ آپريشن ڪيو وڃي پر انهن جي مطالبي تي اڃان تائين عمل نه ٿيو جنهن جا نتيجا هي ڏسي رهيا آهيون ته اعليٰ سطح جا دلير پوليس آفيسر زخمي ڪيا پيا وڃن ۽ شهيد ڪيا پيا وڃن قبائلي جهيڙن جي اڙ ۾ ٿيندڙ قتلام ۽ ڌوهاري پليندڙ پوترن ۽ پٿاريدارن جي ڳچيءَ ۾ جيسٽائين قانون جو هٿ نه پوندو تيسٽائين شڪارپور ۾ اهڙا هلچا ٿيندا رهندا.

آمريڪا جي فضائن مان

ڊيووس ۾ عالمي طاقت جو نئون توازن ۽ پاڪستان جو مستقبل!

راجا زاهد اختر خانزاده

(حصو پيو ۽ آخري)

مسلمان ملڪن جي حلت پڻ ساڳي آهي، ڇاڪاڻ ته غزه جي نالي تي جيڪو بورڊ ناهيو ويو آهي اهو ان خطي جي ذميواري به ٻڌجي ٿو پر مسلم دنيا جا ملڪ اندروني طور ٽڙيل پکڙيل نظر آيا، ڪو مڪمل حمايت سان آيو، ڪو احتياط سان ۽ ڪو رڳو پنهنجي پوزيشن بچائڻ لاءِ پهتو اهو ئي انتشار هميشه وڏن منصوبن ۾ ڪمزور ڌر کي وڌيڪ ڪمزور ڪري ٿو پاڪستان جيڪڏهن پنهنجي شموليت کي مسلم دنيا جي گڏيل آواز سان جوڙي ٿو ۽ ان کي اصولي بيانيي ۾ بدلائي ٿو ته فائدو ٿي سگهي ٿو بلڪ اها شموليت جيڪڏهن تصويرن ۽ رسمي بيانن تائين محدود رهي ته ميز تي موجود هئڻ باوجود پاڪستان خطري کان مڪمل طور نه بچي سگهندو هن اهم مرحلي تي پاڪستان لاءِ اصل سوال شموليت جو ناهي پر اهو آهي ته هُو ڪنهن جي پاسي بيهي ٿو، ڇاڪاڻ ته ميز تي اچڻ ڪاميابي هوندي آهي پر ميز تي پنهنجي جاءِ برقرار رکڻ اصل امتحان هوندو آهي جيڪڏهن پاڪستان هن نئين علمي راند ۾ پاڻ کي رڳو موجودگيءَ تائين محدود رکندو ته تاريخ ان کي صرف تصوير تائين ته ياد رکندي پر ڪردار طور نه. انهيءَ ڪري هاڻي پاڪستان کي ڪجهه واضح ۽ شعوري رستن تي هلڻو پوندو پهريون قدم اهو آهي ته پاڪستان هر سفارتي ڳالهه ٻولهه ۾ گڏيل قومن ۽ عالمي قانون سان وابستگيءَ جو اعلان لفظن سان گڏ عمل ۾ به ڪري جيڪڏهن "بورڊ آف پيس" کي ڪنهن به مرحلي تي گڏيل قومن جي متوازي يا ان کان مٿي ڏيکاريو ويو ته پاڪستان کي کليل لفظن ۾ واضح ڪرڻو پوندو ته ان جي شموليت ڪنهن متبادل علمي نظام جي توثيق نه پر هڪ عارضي سفارتي پليٽ فارم تائين محدود آهي اهو اعلان پاڪستان کي يورپ جي نظر ۾ معتبر رکندو ۽ ان ٽاثر کي ختم ڪندو ته اسلام آباد ڪنهن هڪ طاقت جي پاسي بيٺل آهي

ٻيو قدم اهو آهي ته پاڪستان غزه جي معاملي ۾ رڳو ٻيهر تعمير جي نعري تائين پاڻ کي محدود ناهي رکيو پر سياسي حقِ خود ارادِيت، انساني تحفظ ۽ مستقل طور تي جنگبنديءَ کي پنهنجي سفارتي لڪير جو مرڪز بڻايو آهي جيڪڏهن پاڪستان هن بورڊ تي به خاموش رهيو، رڳو انفراسٽرڪچر ۽ فنڊنگ جي ٻولي ڳالهائي ته اهو به ساڳئي تنقيد جي ورچڙهي سگهي ٿو، جنهن کي هن وقت يورپي ملڪ منهن ڏئي رهيا آهن تنهنڪري پاڪستان لاءِ بهتر اهو ئي هوندو ته هو هن فورم کي فلسطيني آواز لاءِ استعمال ڪري

ٽيون ۽ شايد سڀ کان وڌيڪ اهم قدم چين سان توازن وارا لاڳاپا رکڻ آهي پاڪستان کي هر موقعي تي اهو واضح رکڻو پوندو ته "بورڊ آف پيس" ۾ هُن جي شموليت چين مخالف قطار ناهڻ ناهي نه ئي ڪنهن اسٽريٽجڪ بلاڪ پوليٽيڪس جو حصو ٿيڻ آهي ان مقصد لاءِ ضروري آهي ته پاڪستان بيجنگ سان سفارتڪاريءَ ذريعي لڳاتار رابطو رکي ۽ ان کي اهو يقين ڏياري ته اسلام آباد جي پرڏيهي پاليسي اڃا تائين توازن، خودمختياري ۽ گڏيل اصولن تي قائم آهي جيڪڏهن چين کي اهو تاثر مليو ته پاڪستان ڪنهن اهڙي فريم ورڪ ۾ اڳتي وڌي رهيو آهي، جتي بيجنگ جي غير موجودگي پاڻ هڪ پيغام ٻڌجي وڃي ته اهو توازن هيٺ مٿي ٿي سگهي ٿو چوٿون قدم يورپ سان لاڳاپن جي حفاظت آهي، ڇاڪاڻ ته هن وقت يورپ پاڻ کي آمريڪي دٻاءُ ۽ اندروني ڪمزوريءَ ۾ ڦاٿل محسوس ڪري رهيو آهي اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن پاڪستان يورپ جي خدشن کي سمجهي ٿو ۽ انهن سان هم آهنگ نظر اچي ٿو ته هو پاڻ کي هڪ ذميوار ۽ متوازن شريڪ طور پيش ڪري سگهي ٿو خاص طور تي برطانيا ۽ يورپي يونين لاءِ واضح ڪرڻو پوندو ته پاڪستان جي شموليت ڪنهن دٻاءُ جي پيداوار نه پر پنهنجي خودمختيار سفارتي حڪمت عمليءَ جو حصو آهي پنجون ۽ عملي قدم هيءُ آهي ته پاڪستان کي هن بورڊ ۾ علامتي نمائندگيءَ بدران واضح ايجنڊا کڻي وڃڻو پوندو، جيڪڏهن اسلام آباد انساني امداد جي ميڪنزم، شفاف فنڊنگ ۽ مقامي شموليت جهڙن نڪتن تي اڳڀرائي نه ڪئي ته پوءِ ملڪ اهڙن ملڪن جي قطار ۾ بيهندو، جيڪي اهڙن معاهدن ۾ رڳو فوٽو سيشنز لاءِ شامل ٿيندا آهن ۽ پوءِ فيصلا ڪنهن ٻئي هنڌ ٿيندا آهن

ڀارت جي نظر ۾ پاڪستان کي خاص احتياط جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته نئين دهلي اهڙن موقعن کي بيانن واري جنگ ۾ بدلائڻ جي مهارت رکي ٿو جيڪڏهن پاڪستان غير محتاط انداز ۾ ڪنهن هڪ بلاڪ جي ويجهو بيٺل نظر آيو ته ڀارت ان کي پنهنجي حق ۾ استعمال ڪندو ۽ جيڪڏهن پاڪستان متوازن، اصولي ۽ قانوني ٻوليءَ ۾ پنهنجي پوزيشن برقرار رکي ته ڀارت لاءِ ملڪ تي آڱر کڻڻ ڏکيو ٿيندو مسلم دنيا سان پاڪستان جو ڪردار هن وقت فيصلائتو ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن هو ٽڙيل پکڙيل آواز کي گهٽ ۾ گهٽ اصولي سطح تي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن پاڪستان سعودي عرب، ترڪي، قطر ۽ ٻين ملڪن سان گڏجي ڪري غزه جي معاملي تي هڪ گڏيل گهٽ ۾ گهٽ بيانيو طئي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ته اها شموليت رڳو پاڪستان لاءِ نه پر سڄي مسلم دنيا لاءِ اهميت اختيار ڪري سگهي ٿي جو ته دنيا هاڻي نعرن سان نه ٿي هلي پر دنيا توازن سان هلي رهي آهي ۽ توازن اهو ئي قائم رکي سگهي ٿو، جيڪو هر ميز تي پنهنجي خودمختياريءَ سان ويٺل رهي. پاڪستان هن وقت ميز تي موجود ته آهي پر هاڻي هُن کي اهو به ثابت ڪرڻو پوندو ته هو رڳو موجود ناهي پر باشعور به آهي، ڇاڪاڻ ته تاريخ ۾ اهي ئي قومون بچنديون آهن، جيڪي طاقت جي وچ ۾ پنهنجو پاڻ ناهن وڃائينديون. شايد اهوئي هن دور جو سڀ کان وڏو سبق آهي ته ميز تي ويهڻ ڪافي ناهي، پر اصل سوال اهو آهي ته توهان ڪنهن جي پاسي ويٺل آهيو ۽ پنهنجي ڳالهه ڪهڙي وزن سان رکندا آهيو.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

ڪاليجن جي استادن جا مسئلا ڪير حل ڪندو؟

اسان جيڪڏهن سنڌ جي ڪاليج سائيڊ جي تعليم تي نظر وجهنداسين ته ڪاليجن ۾ شاگرد ريگيولر آهن ۽ پڙهائي به بهتر ٿي آهي. ڪاليجن ۾ استاد گوسڙو يا نه اچڻ وارا ته به آهن ته ڪي استاد وري ريگيولر آهن ۽ پنهنجا ڪلاس وقت تي وٺن ٿا. ڪافي عرصي کان سنڌ جي ڪاليجن ۾ بايو ميٽرڪ سسٽم لاڳو آهي هر سال ڪاليجن مان ڊاڪٽر ۽ انجنيئر پڙهي نڪرن ٿا، سرڪاري ڪاليجن جا شاگرد، جيڪي ايم ڊي ڪيٽ سميت ٻين اعليٰ ٽيسٽن ۾ نمايان پوزيشون کڻن ٿا، يقينن ان جو ڪريڊٽ ڪاليجن جي استادن (پروفيسر ۽ ليڪچرارن) ڏني ٿي وڃي ٿو. ان جي باوجود ڪاليجي استادن جا مسئلا حل نه پيا ڪيا وڃن جنهن ڪري ڪاليجي استادن جي تنظيم "سپلا" جي تحريڪ هلندڙ آهي جنهن تحت سڀ کان پهرين ڪاليج جي يونٽن کان شروع ٿي ۽ سپلا سکر ريجن ۾ 22 جنوريءَ تي ڌرڻو لڳايو ويو ۽ ان کانپوءِ حيدرآباد ريجن ۾ لڳايو ويندو ۽ ان کانپوءِ 12 فيبروريءَ تي بلاول هائوس ڪراچيءَ سامهون ڌرڻي جو اعلان ڪيو ويو آهي سنڌ سرڪار ڪاليجن جي استادن کي وقت سر ترقيون ۽ ٻين جائز مسئلن کي حل ڪرڻ بدران مسلسل لنوائي رهي آهي تعليمي ادارن ۾ ڪاليج سائيڊ جي ملازمن خاص ڪري ليڪچرارن ۽ پروفيسرن جا مسئلا حل ٿي نه سگهيا آهن ڪاليجن جي استادن کي پروموشن وٺڻ ۾ 17هين گريڊ کان 18هين گريڊ ترقي وٺڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 15 کان 18 سالن جو وقت لڳي وڃي ٿو هن وقت تائين بورڊ ون 1 نه ٿيو آهي ۽ نه وري بورڊ ٽو ٿيو آهي جنهن ڪري ترقيون رڪيل آهن جيڪا ڪاليجن جي استادن سان ناانصافي آهي ان ڪانسواءِ ڪاليجن جي استادن کي جيڪي الائونس ڏنا وڃن ٿا سي پڻ نه هئڻ جي برابر ملي رهيا آهن ان کان علاوه سنڌ ۾ ڪاليجن ۾ سبجيڪٽ وائيز استادن جي پڻ کوٽ آهي اسڪول سائيڊ ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ کي ٽڪرا ٽڪرا ۽ جلد پروموشن ڏنا وڃن ٿا، يونيورسٽين جي استادن کي جلدي ترقيون ملن ٿيون پر خبر ناهي ته ڪاليجن جي استادن ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو هنن جا جائز مسئلا حل نه پيا ڪيا وڃن. جنهن جي ڪري ڪاليجن جي استادن ۾ بي چيني ڇانيل آهي اميد آهي ته وزيراعليٰ سنڌ، تعليم وارو وزير، صدر مملڪت آصف علي زرداري، پ پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري سميت لاڳاپيل عملدار ڪاليج سائيڊ جي استادن جا جيڪي به جائز مسئلا آهن تن کي جلد کان جلد حل ڪندا ته جيئن ڪاليج جي استادن مان بي چيني ختم ٿي سگهي (شفيق وساڻ)

اڄوڪو ڏينهن ـ 25 جنوري

لالچند امرڏنومل ڄڳتياڻي



لالچند امرڏنومل ڄڳتياڻي سنڌ جو برک اديب، ٽليوارو عالم ۽ نقاد هو. هن 25 جنوري 1885ع تي حيدرآباد ۾ اکيون کوليون. حيدرآباد جي ان وقت جي مشهور تعليمي اداري هيرانند اڪيڊميءَ مان 1903ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين ان بعد سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين اڳتي هلي نيو هاءِ اسڪول ڪراچيءَ جي هيڊ ماستر طور به ڪم ڪيائين نوڪريءَ دوران پڙهائي به جاري رکيائين ۽ 1918ع ۾ بي اي جي سند حاصل ڪيائين لکڻ پڙهڻ ۽ ادب سان ننڍپڻ هوندي کان ئي دلچسپي هئس اها ويهن سالن جو مس هو جو سندس ناول "چوٽ جو چنڊ" شايع ٿيو ان بعد هن ڪيترين ئي ڪهاڻين، ناول، مضمون، تحقيقي مقالا ۽ ناٽڪ لکيا. هي شايد پهريون اديب هو جنهن سنڌي ادب ۾ نظماڻي نثر جو بنياد وڌو. سنڌي ٻوليءَ جو پهريون سفرنامون "مسافريءَ جو مزو ۽ سير" به سندس شاهڪار آهي 1914ع ۾ هن سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جو بنياد وڌو ۽ انهيءَ سوسائٽيءَ جي پليٽ فارم تان ڪيترائي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا. هو شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حضرت سچل سرمست، روحل فقير ۽ خليفي گل محمد گل جي شاعريءَ جو عاشق ۽ پارکو هو. هن لڳ ڀڳ 62 ڪتاب لکيا. 1940ع ۾ ڪيس سنڌي ادب جي مرڪزي صلاحڪاري بورڊ جو جوائنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو اهوئي صلاحڪاري بورڊ اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ ٿيو هن مهراڻ رسالي جي پهرئين مئنيجنگ ايڊيٽر طور پڻ ڪم ڪيو امرڏني کي سنڌي ناٽڪن سان به گهڻي دلچسپي هئي 1905ع ۾ هن بنئي ماترم ناٽڪ منڊلي قائم ڪئي ۽ انهيءَ منڊليءَ لاءِ ڪيترائي ناٽڪ لکيا. 1923ع ۾ هن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رابندرناٿ ٽئگور ادبي ۽ ڊراما سوسائٽيءَ جو بنياد رکيو رابندرناٿ ٽئگور پاڻ پنهنجي هٿن سان انهيءَ سوسائٽيءَ جو افتتاح ڪيو هو ورهاڱي کان پوءِ 1948ع ۾ پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي هندستان لڏي ويو. جتي 18 اپريل 1954ع تي سندس حياتيءَ جو ڏيئو وسامي ويو. هن وصيت ڪئي هئي ته سندس هڏين کي سنڌو نديءَ حوالي ڪيو وڃي سندس آخري خواهش کي مڃتا ڏيندي سندس خاڪ کي 18 اپريل 1956ع تي سنڌوءَ جي پوتر پاڻيءَ جي سپرد ڪيو ويو.

1916ع لکي آهي هن ابتدائي تعليم پنهنجي جنم واري شهر پٽ شريف مان حاصل ڪئي ۽ ان بعد ممبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو اڳتي هلي بي اي ۽ ايم اي جون سندون به ممبئي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هڪ محنتي استاد ۽ هيڊماسٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون پاڻ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس، ڊائريڪٽر نيشنلائيز اسڪولز ڪراچي ۽ ڊائريڪٽر بيورو آف ڪريڪيولم جهڙن عهدن تي پڻ ڪم ڪيو هن 1954ع ۾ پنهنجي شهر پٽ شريف ۾ اسلاميه هاءِ اسڪول جو بنياد وڌو هن انهيءَ اسڪول جي شاگردن جي رهائش لاءِ هاسٽل جو انتظام ڪيو اڳتي هلي انهيءَ اسڪول کي سرڪاري تحويل ۾ ورتو ويو ۽ علامه آءِ آءِ قاضي هاءِ اسڪول جي نالي سان اڄ تائين موجود آهي ادبي سرگرمين ۾ اڳيرو رهيو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "تاريخ تمدن اسلام"، "عربي ٽيڪسٽ بڪ"، "تاريخ اسلام"، "رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم"، "بنو عباسي دور" ۽ "تمدن جي ماهيت" شامل آهن هن 9 نومبر 1986ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.


مختيار انڙ

سنڌ جي پريا شهر ۾ ٿيو. سندس مائٽن ڪيس پڙهائڻ لاءِ مڪتب ۾ ويهاريو پر سندس دل پڙهائيءَ طرف راغب نه ٿي. ان بعد هن کي ڪاروبار لاءِ دڪان تي ويهاريائون پر هو ڪاروبار بجاءِ ڀڳتن کي ويهي داڻا ڇڳائيندو هو. ڪيترائي ماڻهو هن کان روحاني فيض وٺڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ پنهنجي من جون مرادون حاصل ڪندا هئا. ڀڳت واڌو رام پنهنجي دور جو مشهور ڀڳت هو. هو ڀڳت وڃڻ مهل پنهنجي سائين سان گڏجي جهمريون پائيندو هو. هو ڪٿا بيان ڪندو هو ۽ پوءِ پنهنجي مخصوص ڀڳتي انداز ۾ ڳائيندو هو. هن 25 جنوري 1929ع تي پرلوڪ پڌاريو. سندس زندگيءَ تي ڊي ايڇ پوتاڻيءَ انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو عنوان آهي The Incredible Bhagat Wadhuram: Saint of Sindh. اهو ڪتاب 1986ع ۾ نئين دهليءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

انور پيرزادو



اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي مشهور اديب، صحافيءَ ۽ ڪالم نگار انور پيرزادي جي جنم جو ڏينهن آهي سندس اصل نالو محمد پريل هو ۽ پاڻ 25 جنوري 1945ع تي ڏوڪري تعلقي جي مشهور ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ شفيع محمد پيرزادي جي گهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان ۽ مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪريءَ مان پاس ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري استاد طور ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪري اتي ئي ليڪچرار مقرر ٿيو 1970ع ۾ ڪيس پاڪستان ايئر فورس ۾ پائيلٽ آفيسر طور ٽريننگ لاءِ چونڊيو ويو پر ڇهن مهينن کان پوءِ مٿس بغاوت جو ڪيس هلائي پشاور جيل ۾ قيد ڪيو ويو. سندس ڏوهه اهو هو ته هن اڳوڻي اوڀر پاڪستان (بنگلاديش) ۾ ٿيندڙ آپريشن جي مخالفت ڪئي هئي ۽ مجيب الرحمان کي 20هين صديءَ جو عظيم سرواڻ قرار ڏنو هو ست مهينا قيد ڪاٽڻ کان پوءِ آزاد ٿي "هلال پاڪستان اخبار" ۾ سب ايڊيٽر مقرر ٿيو 1975ع ۾ روسي سفارتخاني مان انگريزي ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ بليٽن جو ايڊيٽر مقرر ٿيو 1980ع ۾ اها بليٽن بند ٿيڻ کان پوءِ مختلف اخبارن سان واڳيل رهيو. انور پيرزادو هڪ سٺو ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ سنڌيڪار هو. سندس لکيل ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن ۾ تاريخ مونکي بيلوهي قرار ڏيندي، شاهه جي رسالي جو سماجي مقصد، لي چند ڀٽائيءَ کي ڇنڇاڻ، متان وساريو سنڌ ۽ Sindhi Language and Literature - a brief account شامل آهن انور پيرزادي جون ڪهاڻيون 2019ع ۾ انور پيرزادو اڪيڊميءَ پاران ڇپرايون ويون آهن هن املهه انسان 07 جنوري 2007ع تي وفات ڪئي

صاحب بجاڻي

اڄ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور مضمون نگار، هدايتڪار ۽ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر صاحب بجاڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي صاحب بجاڻيءَ جو جنم 25 جنوري 1946ع ۾ ڪراچيءَ ۾ مول سنگهه بجاڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو ورهاڱي کان پوءِ سندس ڪٽنب ممبئيءَ ۾ وڃي آباد ٿيو هن مئٽرڪ جو امتحان ڪاسماپليٽن هاءِ اسڪول گهاٽڪو ۽ انٽر سائنس جو امتحان ڪي جي سوميا ڪاليج ممبئيءَ مان پاس ڪيو هن 1971ع ۾ جي ايم ايس يونيورسٽي بڙودا مان آرڪيٽيڪچر جي سند حاصل ڪئي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ بجاڻي اينڊ ايسوسيئيٽ جي نالي سان هڪ فرم کوليائين 1995ع ۾ اها فرم ڇڏي انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ سان لاڳاپجي ويو. سنڌالاجيءَ لاءِ سندس ڪيل خدمتون ڪنهن کان به ڳجهيون ناهن هن جا به ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن سندس پهريون ڪتاب Something about Sindh 1997ع ۾ شايع ٿيو ۽

حڪيم حاجي نذير احمد شيخ



حڪيم حاجي نذير احمد شيخ متياريءَ جو مشهور حڪيم هو سندس جنم 25 جنوري 1943ع تي متياريءَ ۾ ٿيو. 1961ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ حڪمت جو پيشو اختيار ڪيائين. متياريءَ ۾ پهريون ميڊيڪل اسٽور به هن ئي کوليو هو. 1968ع ۾ پيٿالاجيءَ جو ڪورس پاس ڪري سعيدآباد ۾ پنهنجو دواخانو کوليائين. هن هڪ دوا "بينظير ڦڪي" مارڪيٽ ۾ متعارف ڪرائي، جنهن چڱي مقبوليت ماڻي. بعد ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ به ڪلينڪ کوليائين. هن حيدرآباد جي هڪ نجي اخبار ۾ 1996ع ۾ سوالن جوابن جو هڪ سلسلو شروع ڪيو، جنهن جو عنوان "حڪيم نذير احمد جا طبي مشورا" هو. اهي مشورا بعد ۾ هن ڪتابي صورت ۾ ڇپرايا. سندس ٻين ڪتابن ۾ "قدرتي جڙي ٻوٽين ۽ قرآني آيتن جي ذريعي شفا بخش علاج" (اردو ۾)، "بيمارين جا سبب ۽ جديد

الهڏنو خاصخيلي

الهڏنو خاصخيلي سنڌ جو هڪ سُريلو راڳي هو. هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن 1966ع ۾ سجاول ضلعي جي ميرپور بٺوري شهر ۾ ٿيو راڳ ۽ موسيقيءَ سان ننڍي هوندي کان ئي چاهه رهيس. راڳ جي سکيا پنهنجي والد علي محمد خاصخيليءَ کان ورتائين. هن پنهنجي اباڻي شهر ميرپور بٺوري ۾ موسيقيءَ جي

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايفدسي سوٽ نمبر04 سال 2026

لڏڪي ڌيءِ گلو مل بالغ هندو ذات اوڏ رهندڙ پيل ڪالوني ٽنڊو الهيار ....پلينٽف...خلاف: (1) چيئرمين نادرا اسلام (2) جنرل مئنيجر نادرا سنڌ ڪراچي (3) اسسٽنٽ مئنيجر نادرا ٽنڊوالهيار (4) ڊپٽي مئنيجر نادرا يونٽ نمبر08 لطيف آباد حيدرآباد (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن اينڊ ڪريڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايفدسي سوٽ نمبر315 سال 2025

شريمتي رتني زال جهانگيو رهندڙ مٺڻ شاهه پاڙو ٽنڊوالهيار ...پلينٽف...خلاف: (1) ڊي اسسٽنٽ مئنيجر نادرا ٽنڊوالهيار (2) ڊي ڊائريڪٽر جنرل نادرا گورنمينٽ آف پاڪستان اسلام آباد (3) پبلڪ ايٽ لارج....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن اينڊ مينڊيٽري انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-II قاضي احمد
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر.... سال 2025

محمد صالح پٽ قبول زرداري رهندڙ ڳوٺ بچو زرداري تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات صغران زال محمد صالح زرداري (2) ذيشان (پٽ) (3) علي شاهه (پٽ)سڀ رهندڙ ڳوٺ بچو زرداري تعلقو قاضي احمد (4) پبلڪ ايٽ لارج... آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،27 تحت داخل ڪئي آهي. صغيرن نالي (1) ساجد علي (2) محمد قبول جي گارڊين جي مقرري لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول فيملي جج اينڊ جي-ايم-II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر606 سال 2025

مسمات ياسمين ڌيءِ قادر داد ڏاهري رهندڙ جمشيد ڪالوني سنتا سنگهه نوابشاهه ..پلينٽف..خلاف: محمد خان پٽ محمد نواز ڏاهري رهندڙ ڳوٺ ولي محمد ڏاهري ويجهو سوئي گيس اسٽاپ ويجهو ڪنڊو تعلقو ۽ ضلعو متياري...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙڻ مينٽيننس رڪوري آف ڊليوري چارجز اينڊ ميڊيڪل ايڪسپينسز اينڊ ريٽرن آف جهيز آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي-ايم-I ڪوٽ غلام محمد
(روبرو جناب پرڪاش)
گارڊين درخواست نمبر....

شريمتي پتو بيواهه ڪرشن هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ چڪمن يونس خان بي-ار ڪوٽ غلام محمد ديهه291 ضلعو ميرپورخاص...درخواستگذار..خلاف: (1) ڪيول (2) ڪيمچند ٻئي پٽ ڪرشن هندو بالغ . (2) جنرل پبلڪ...مدعا عليه

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 07، 10 ۽ 29 تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغير نالي ڦوٽو ولد ڪرشن جي گارڊين جي مقرري لاءِ. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي ڪورٽ-I ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ گارڊين جج اينڊ جي-ايم-II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر14 سال 2025

ڪانديرو پٽ خميسو شيدي رهندڙ محلا شيدي اولڊ سعيد آباد تعلقو سعيد آباد ضلعو متياري...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) دي جنرل پبلڪ ايٽ لارج (2) سدره ڌيءِ ستير (3) صالحه زال خميسو ماٿر/ وارد: (1) ڪبريٰ ڌيءِ ستير (عمر اٽڪل 11 سال) (2) رضوان زال خميسو (عمر اٽڪل 16 سال).

نالي مٿين آپونينٽس (01) ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين شپ ايپليڪيشن انڊر سيڪشن 07 ۽ 10 آف گارڊين اينڊ واردس ايڪٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/گارڊين جج اينڊ جي-ايم-II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي-ايم شهيد بينظير آباد
سوٽ نمبر........ سال 2025

سافڪو سپورٽ مائڪرو فنانس ڪمپني برانچ SMC اسلامڪ نوابشاهه...پلينٽف...خلاف: (1) عبدالرزاق پٽ محمد ادريس جت رهندڙ محلا ممتاز ڪالوني نوابشاهه . فون نمبر: 0320-8018865. (2) اعجاز حسين پٽ الياس رهندڙ محلا سنتا سنگهه ڳوٺ نوابشاهه موبائل نمبر: 0305-3426863...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف اماؤنٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي-ايم شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي اظهر علي ولد امير خان درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي امير خان جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه بدين ٽپو بدين تعلقي بدين سروي نمبر 99 ۾ جريان 550/ 25_7_1992 موجب داخله ٿيل آهي ايراضي حصي موجب 1525 چورس فوٽ پلاٽ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاٿو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاٿي لاءِ جلسي عام محلا غريب آباد شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي امير خان جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 اظهر علي پٽ فوتي جو 2 شهزاد علي خان پٽ فوتي جو 3 اسد علي خان پٽ فوتي جو 4 ممتاز علي خان پٽ فوتي جو 5 مظهر علي پٽ فوتي جو 6 امتياز بيگم ڌيءِ فوتي جي 7 ريحانه فردوس ڌيءِ فوتي جي 8 فرحانه وسيم ڌيءِ فوتي جي 9 مسمات گوهر بانو زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب 8th ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر08 سال 2026

مسمات حسينا بيواهه محمد سليمان چانڊيو...ايپليڪينٽ...خلاف: زاهد حسين ۽ ٻيا....آپونينٽس

دي جنرل پبلڪ ايٽ لارج ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪا پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي محمد سليمان ولد ڏاڙهون خان سنڌيلو شناختي ڪارڊ نمبر 4540223697713 وفات جي تاريخ 06-06-2025 پراپرٽي ۾ اين بي پي مين برانچ نوابشاهه ڊسٽرڪٽ شهيد بينظير آباد جي اڪائونٽ نمبر 3052267178 ۾ ڇڏي رقم -/132263.96 روپيا تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

8th ايڊيشنل سيشنز جج حيدرآباد

بيزار نامو

جيئن ته اسين سڀ ڀائر هر هڪ نالي نظر محمد، نياز محمد، سردار خان، مير محمد، لال محمد بروهي ولد آزاد خان بروهي پنهنجي ڀڻن سميت هن اخباري اشتهار ذريعي هر عام ۽ خاص کي آگاهه ٿا ڪريون ته اسان پنهنجي ڀاءُ حاجي خان ۽ سندس ڀڻن نور خان، گل خان، ذوالفقار، سهڻو ۽ ٻئي ڀاءُ مرحوم خير محمد جي ڀڻن علي گل سميت ان جي ڀائرن کان بيزاري ڏيون ٿا جيڪي بري صحبت ۾ اچي برا ڪم ڪري رهيا آهن جيڪو به شخص انهن سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي، ليتي، واپار يا قلو وغيره ڪندو ته اهي ان جا ذميوار پاڻ هوندا جنهن سان اسان جو ڪنهن به قسم جو ڪوتعلق نه آهي، اسان جو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

پاران: نظر محمد بروهي سردار خان، نياز محمد، مير محمد، لال محمد ولد آزاد خان بروهي وينل: ڳوٺ احمد ميان سومرو جيڪب آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر05 سال 2026

مسمات شاهده بيواهه محمد عيسيٰ رهندڙ ڳوٺ غازي خان بي او نئون ڪوٽ تعلقو ڊگهڙي ضلعو ميرپورخاص....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) محمد رضوان (2) ماريه (3) سائره (4) شوڪت (5) اظهر علي سڀ پٽ ڌيئرون محمد عيسيٰ (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....آپونينٽس (1) دلشاد ولد محمد عيسيٰ ... ماٿر

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،27 تحت داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

بقايا 1 | قتل ڪري ڇڏيو

پڪڙجي ويو آهي.تفصيل موجب خيرپور لڳ پريالوءِ ويجهو فيض محمد ٻنڊو ٿاڻي جي حد، ڪوٽ ميرمحمد شهر ۾ شر برادري جي جوابدارن مبينا طور ڪارنهن الزام هيٺ ناري الهورائي شر کي قتل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته ٻي پاسي عبدالرحمان انڙ ٿاڻي جي حد، کي ٽي زمان شاهه واري علائقي ۾ ساڳين ٿي جوابدارن فائرنگ ڪري ڪارنهن الزام هيٺ آيل نوجوان غلام حسين تيغاڻي کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا. آهن ان حوالي سان فيض محمد ٻنڊو ۽ عبدالرحمان انڙ ٿاڻن جي پوليس جو چوڻ آهي ته ٻنهي واقعن ۾ شر برادري سان تعلق رکندڙ جوابدارن ڪارنهن الزام هيٺ ناري ۽ نوجوان کي قتل ڪيو آهي، پوليس لاش تحويل ۾ وٺڻ کان پوءِ پير ڳوٺ اسپتال مان ضروري ڪاروائي کان پوءِ وارثن حوالي ڪري ڇڏيا آهن .

بقايا 2 | وارثن جو احتجاج

آهن ايس ايڇ او ٻي سيڪشن رشوت گهري رهيو آهي نه ڏيڻ تان الٽو اسان مٿان ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي متاثر ڌر جوابدارن عظيم، شعيب، صمد، اون، جنيد مڪراني خلاف سخت قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 3 | عورت فوت

خاتون زخمن جا سور ن سهندي دم ڏئيءِ حو عورت جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جنهن بعد ڌرين ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي آهي

بقايا 4 | خودڪشي

جي وارثن ٻڌايو ته ناري جو ذهني توازن درست نه هو ۽ ٿوري ٿوري ڳالهه تان ڪاوڙ ۾ اچي ويندي هئي اج به گهر جي معمولي ڳالهه تان ڪاوڙ ۾ اچي ناريءَ اهڙو انتهائي قدم کڻي ڇڏيو . ٻئي طرف پوليس لاش ڪٽائي رورل هيلٿ سينٽر راجوخاناڻي پهچايو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو . لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا 5 | عيوض پيتا تقريب

سندس نالي ثقافت کاتي کان ڪارنر ٽوڙي کو ادارو جوڙڻ جو مطالبو ڪيو آهي.فنڪارن پاران راڳ جي سرن جي پيتا ڏني وئي.تقريب کي.اسد عبدالله خان.نصير مرزا،سائين بهاؤالدين، شير مهراڻي،سليم سولنگي،تاج جويو،ديدار شام،مظهر،ذوالفقار ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ثقافت کاتي کي اهو محسوس ٿيو ته سنڌ جي ناميارِي شهنائي نواز استاد عبدالله خان کي فني دنيا عيوض مڃتا ڏجي هي تقريب استاد جي ناءَ آهي اسان ثقافت کاتي وس هار استاد سان زندگي ۾ سهڪار ڪيو.استاد عبدالله شهنائي کي نئين جدت ڏني شهنائي کي لوڪ.فوڪ ڪلاسيڪل راڳ ۾ متعارف ڪرايو شهنائي جي سرن ۾ وسندڙ ياد سنڌ جي سڃاڻپ، سرن جي سادگي ۽ ڌرتيءَ جي خوشبوءِ سان جڙيل آهي.استاد عبدالله خان جي شهنائي جڏهن وڄي ٿي ته اها رڳو ساز ناهي هوندي، اها تاريخ ڳالهائيندي آهي.اهڙي ئي تاريخ جو نالو هو شهنائي نواز استاد عبدالله خان جنهن پنهنجي ساهه سان سرن کي جياريو ۽ سنڌي موسيقيءَ کي عالمي سڃاڻپ ڏني.مقررن چيو ته ثقافت، سنڌ حڪومت پاران ڪرايل هي شاندار پروگرام، استاد عبدالله خان جي انهن فني خدمتن کي پيتا آهي، جيڪي وقت جي گرد ۾ به نئيون وسري سگهن.مقررين پنهنجي خطابن ۾ چيو ته: "استاد عبدالله خان شهنائي کي صرف وڄايو نه. پر ان کي سنڌي ثقافت جو ترجمان بڻايو. سندس فن ۾ ڳوٺ جي سادگي، درگاهن جي روحانيت ۽ ڌرتيءَ جي درد جي آواز سمايل هو"جنهن ۾ سندس زندگي، رياضت، شاگردن سان محبت ۽ موسيقيءَ سان جنون کي اجاگر ڪيو ويو.هي پروگرام صرف هڪ يادگيري تقريب نه هو پر اهو عهد آهي ته سنڌ جي لوڪ فن، شهنائي جي سُرن ۽ استاد عبدالله خان جهڙن فنڪارن جي ورثي کي زنده رکڻ گهرجي.تقريب کي قادربخش مٺو،دلدار جانوري،جهانگير سرور سيهڙو،دانش منظور ۽ ٻين پڻ خطاب.جڏهن ته آخر ۾ مختلف فنڪارن فن پيش ڪري استاد عبدالله کي پيتا ڏني

بقايا 6 | لاڙڪاڻو

مختلف ٿاڻن ۾ 15 کان وڌيڪ سنگين نوعيت جا ڪيس داخل ٿيل آهن. ايس ايس پي لاڙڪاڻو آپريشن دوران سمورن فرار ڌوهارين کي سرينڊر ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چيو آهي ته پيش ٿيندڙ ڪنهن به شخص سان ڪا به ناجائزي نه ٿيندي.

بقايا 7 | قتل ڪري ڇڏيو

عبدالرزاق چنه کي زمين جي معاملي تان گهر اندر پستل جو فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو ،ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته قتل ٿي ويل عورت جو مڙس ڪراچيءَ ۾ سڪيورٽي گارڊ جي ڊيوٽي ڪندو آهي ۽ سندس جي گهر واريءَ جو هڪ ڏينهن اڳ پنهنجي ڏير سان زمين جي معاملي تان جهيڙو ٿيو جنهن کان پوءِ ڏير پنهنجي ڀاڄائيءَ کي پستل جو فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو ، ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ت جوابدار نئون پستل ورتو ۽ پنهنجي ڀاڄائيءَ کي ڊيڄارڻ لاءِ مٿس حوائي فائر ڪيو جيڪو عورت جي ڪن ۾ لڳو ۽ عورت موقعي تي ئي فوت ٿي وئي ،واقعي ڪانپوءِ رستم پوليس عورت جو لاش ضروري ڪاروائيءَ کان پوءِ وارثن حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ت پوليس ملوث جوابدار غلام محمد کي گرفتار ڪري ورتو آهي ،

بقايا 8 | برادري جو ڌرڻو

مظاهرو ڪري ڊڪڻ منڊي چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي، آل پاڪستان سومرا ايسوسيئيشن جي صدر حاجي گل حسن سومرو، ڪائونسلر هارون الرشيد سومرو، وڪيل عبدالحئي سومرو، ڊڪڻ منڊي يونين جي صدر عبدالطيف سومرو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ضلعي انتظاميه سومرا برادري کي ٽارگيٽ ڪري دوڪانن جا ڇپرا ڊاهي پٽ ڪيا آهن جيڪا زيادتي آهي، سمورو شهر انڪروچمينٽ جي ور چڙهيل آهي بي هنڌ ڪاروائي ناهي ڪئي وئي صرف ۽ صرف اسان جي دوڪانن کي نشانو بڻايو ويو آهي، هنن چيو ته اسين انتظاميه جي اهڙي عمل خلاف ڪورٽ ۾ ويندا سين ۽ انصاف ٿيڻ تائين احتجاج جاري رکنداسين. هوڏانهن جيڪب آباد مان چونڊيل پي پي پي ايم پي اي شير محمد مغيري پاران اهڙي عمل جو نوٽيس وٺڻ بعد اسسٽنٽ ڪمشنر نويد احمد سامو سان رابطو ڪيو ويو جنهن بعد اسسٽنٽ ڪمشنر ڌرڻي واري هنڌ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون ۽ سامان واپس ڪرڻ جي خاطري تي احتجاج ختم ڪرايو. هوڏانهن ايم پي اي شير محمد مغيري ڊڪڻ منڊي يونين جي صدر عبدالطيف سومرو سان رابطو ڪري چيو ته ڊڪڻ منڊي ۾ جن دوڪاندارن جو نقصان ٿيو آهي انهن کي پنهنجي ذاتي خرچ مان آئون ڇپرا نهرائي ڏيندس ۽ انتظاميه کي هدايت ڪئي آهي ته اڳتي هو اهڙي قسم جي ڪاروائي ڪرڻ کان گريز ڪن ته جيئن ڪنهن غريب پورهيت جو نقصان نه ٿي سگهي.

بقايا 9 | وڊيو وائرل

نوڪرن سان گڏ مونکي ڪپڙن کان آجو ڪري تشدد جو نشانو بڻائي تذليل ڪئي آهي، وشال ڪمار موجب راجا خان مهر مون سان وڏو ظلم ڪيو آهي ۽ مونکي موتمار ڌمڪيون ڏنيون آهن. اسين به انسان آهيون ديوان آهيون منهنجو ڏوهه ڪهڙو آهي هوڏانهن نوجوان وشال ڪمار سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر وشال ڪمار اٽينڊ نه ڪئي، هوڏانهن ايم پي اي علي نواز عرف راجا خان مهر سان به رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر رابطو نه ٿي سگهيو آهي .

بقايا 10 | تعزيت ڪئي

ائس ايس ايس پي ۽ پوليس جي ڪوشش آهي ته اهڙي قسم جو ڪرائم ۽ واقعو ڪٿي به نه ٿئي ايس ايس پي شهازيب چاچڙ جي قيادت ۾ پوليس بهتر ڪم ڪري رهي آهي اور آل جيڪا ٽيم ڊي آئي جي آهي ۽ آئي جي نئون آيو آهي ۽ انهن جي سنڌ گورنمينٽ جي گڏيل ڪوشش آهي ته ڪرائيم ختم ٿئي ماڻهون ڏسو ڪٿان هليا آهن ۽ اتي اچي ڏوهه ڪن ٿا جتي ڏسن ٿا ته امن امان آهي ۽ ڏسن ٿا ته هاٿي ان جڳهه تي ڪو به لوڪل ماڻهون ڪو نه آهي بدنام ڪرڻ جي حساب تي ڪن پيا الله جو شڪر آهي جو اهي ماڻهون ظاهر ٿيا نه ته وري هتان جي ماڻهن تي پئي ها ته هتان جا ماڻهون ڪن پيا ۽ انهن کي سخت کان سخت سزا اچي پهريون ته اهي پڪڙجن ۽ ان ٿي جاءِ تي انهن کي اهڙي عبرت نصيب ٿيڻ کپي سنڌ گورنمينٽ طرفان ۽ سنڌ جيڪو به فورم آهي پوليس جو آءِ جي سنڌ نئون آيل آءِ جي آهي سڀ ڪوشش ۾ آهن جيڪا اهڙا واقعا ۽ بدامني آهي اها ختم ٿئي

بقايا 11 | خالد بٽ

فيبروري تي لاڙڪاڻو وڳڻ روڊ تي ٿيندڙ اجتماع جي تيارين ۽ پنڊال جو جائزو ورتو. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي تبليغي جماعت پاڪستان رائيونڊ جي امير خالد بٽ چيو ته تبليغي جماعت طرفان لاڙڪاڻي جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو تمام وڏو اجتماع ڪرايو پيو وڃي، جنهن ۾ پاڪستان جي مختلف شهرن سان واسطو رکندڙ 4 کان 5 لک ماڻهو شرڪت ڪندا. هن چيو ته هن اجتماع جو بنيادي مقصد اسلام جي دعوت ۽ تبليغ کي عام ڪرڻ آهي، جڏهن ته ڀٽڪيل مسلمانن کي سنڌن دين طرف واپس آڻڻو آهي، جڏهن ته دين جي حڪمن ۽ فرضن تي عمل ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ، حلال ۽ حرام ۾ فرق سمجهائڻ ۽ هڪ ٻئي جا حق ۽ آداب ياد ڪرائڻ آهي، جڏهن ته هي ڪم مسجدن، مدرسن، ديني مرڪزن ۽ جماعتن ۾ ڪنهن نه ڪنهن حد تائين ٿي رهيو آهي ۽ ان جي سڀ کان منظم ۽ مضبوط شڪل "تبليغي جماعت" آهي، جيڪا مسلم سماج ۾ ديني قدرن ۽ روايتن جي بحالي لاءِ سرگرم آهي، ان جي محنت جي نتيجي ۾ سڄي دنيا اندر لکين مسلمان هڪ ٻئي کي دين تي عمل ڪرڻ جي سمجهاڻي ڏين ٿا ۽ گڏجي ان جو ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش به ڪن ٿا. هن چيو ته حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن به هن ڪم کي اسان جي ذميوارين ۾ شامل ڪيو آهي ۽ قرآن مجيد ۾ "امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر" جي عنوان سان به هن کي سٺن مسلمانن جي وصفن ۾ شمار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن باهمي حقن جو خاص طور تي ذڪر ڪيو آهي، انهن مان هڪ اهو به آهي ته هڪ ٻئي کي نيڪي جي تلقين ڪجي ۽ هڪ ٻئي کي برائي کان روڪيو وڃي، هن وڌيڪ چيو ته هڪ روايت مطابق حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته "مسلم سماج ۾ خير تڏهن تائين غالب رهندو جڏهن تائين امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو ذوق موجود رهندو، جڏهن هي ماحول ختم ٿي ويندو ته مسلم سماج تي شر جي غلبه جو دور اچي ويندو، هن لاڙڪاڻي واسين کي اپيل ڪئي ته الله پاڪ ۽ سندس پياري حبيب ڪريم ﷺ جي راهه ۾ ٿيندڙ هن اجتماع ۾ وڌ کان وڌ شرڪت ڪري دين اسلام جي ويجهو اچي پنهنجي آخرت سنواريو. ان موقعي تي تبليغي جماعت لاڙڪاڻي جا عهديدار طارق مصطفيٰ شيخ، شاهد شيخ، غلام ياسين مهيسر بشير ناريجو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 12 | آءِ جي

ملاح ڪيس جي اڳڀرائي، پوليس جاچ، داخل ڪيس ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائي تي غور ويچار ڪيو ويو. آءِ جي سنڌ واقعي جو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ڪيس جي شفاف، غير جانبداري ۽ ميرٽ جي بنياد تي جاچ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ڪنهن به قسم جي دٻاءَ کي خاطر ۾ نه آندو وڃي. آءِ جي سنڌ واضح ڪيو ته مقتول کي انصاف فراهم ڪيو ويندو ۽ تشدد ۾ ملوث جوابدارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو. هن اها به هدايت ڪئي ته مقتول جي خاندان کي مڪمل قانوني تحفظ ۽ مدد فراهم ڪئي وڃي. ملاقات دوران سينيٽر قرت العين مري شاد بانو ملاح ڪيس تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو ته جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ موثر قدم کنيا وڃن آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو يقين ڏياريو ته سنڌ پوليس هن حساس ڪيس کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪري رهي آهي ۽ انصاف جي فراهمي تائين ڪارروائي جاري رهندي

بقايا 13 | جوابدار گرفتار

پاران سخت نوٽيس واقعي جو ڪيس داخل 24 ڪلاڪن اندر جوابدار به گرفتار گذريل رات دير سان ميهڙ جي اسحاق ٿاڻي واري علائقي مان پورهيت امير بخش برڙو جي فرزند 14 ورهين جي دلشير برڙو جو بيحرمتي ڪيل لاش هٿ آيو هيو واقعي جي اطلاع ملندي ئي ايس ايس پي دادو پاران پوليس کي ترت قدم کڻڻ ، جوابدارن جي گرفتاري ۽ متاثر خاندان کي انصاف جي فراهمي يقيني بڻائڻ جون واضح هدايتون جاري ڪيون ويون پوليس فوري طور ڪرائم سين جو جائزو ورتو متاثر خاندان سان ملاقات ڪري واقعي جا تفصيل معلوم ڪيا ۽ کين هر ممڪن قانوني سهڪار ۽ انصاف جي خاطري ڪرائي ايس ايڇ او ميهڙ ٻي سيڪشن رفيق احمد ڪيڙو جي اڳواڻي ۾ پوليس ڪاروائي ڪندي ڪجهه ئي ڪلاڪن اندر واقعي ۾ ملوث ڄاڻايل جوابدار علي اصغر ولد خميسو چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو آهي واقعي جو ڪيس مقتول جي والد جي فرياد تي ميهڙ ٻي سيڪشن ٿاڻي ۾ هڪ نامزد ۽ هڪ نامعلوم جوابدار خلاف گناهه نمبر 13/2026 تحت داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ جوابدارن خلاف هم صلاح ٿي خون ڪرڻ ، لاش جي بيحرمتي ڪرڻ ۽ لاش لڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا ڏوهه شامل ڪيا ويا آهن ان کان علاوه مقتول نينگر سان جنسي زيادتي جي پهلو کي نظر ۾ رکندي پوسٽ مارٽم سان گڏ ڊي اين اي سيمپلز ۽ ٻيون ضروري قانوني ڪاروايون پڻ مڪمل ڪيون ويون آهن واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي شفاف ، غير جانبدار ۽ قانون موجب جاچ مڪمل ڪري متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو ويندو

بقايا 14 | الوداع تقريب

منعقد ڪئي وئي، پرمانند پائلٽ سيڪنڊري هاءِ اسڪول دادو ۾ گسٽا يونٽ ۽ اسڪول جي استادن طرفان رٽائر ٿيندڙ استادن فياض احمد قريشي، اختر علي برهماڻي ۽ گلزار علي ڪلهوڙو جي ڪيل تعليمي خدمتن تي کين سنڌ جي ثقافت اجرڪ، ٽوپيون، گلن جا هار اوڍائي تاڙين جي گونج ۾ پيتا ڏني وئي، جڏهن ته رٽائر ٿيڻ وارن استادن فياض احمد قريشي، اختر علي برهماڻي ۽ گلزار علي ڪلهوڙو کي سنڌن جي تعليمي خدمتن تي مڃتا طور کين شيلڊن سان نوازي وڏي عزت ۽ شان سان الوداع ڪيو ويو، استادن جي الوداعي تقريب ۾ ڊي اي او سيڪنڊري، هائير سيڪنڊري ميڊيم خديجه پنهور، اي ڊي او عبدالسلام ميمڻ، ٽي اي او سيد صدف علي شاهه، استادن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 15 | تقسيم

ڪيا ويا ، ٽنڊو محمد خان جي انڊس ميڊيڪل ڪاليج جي آڊيٽوريم هال ۾ يونيورسٽي آف ماڊرن سائنس جي ٻي ساليانيءَ ڪانووڪيشن واري تقريب جي خاص مهمان طور پ پ ايم اين اي رسول بخش چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته ترقي يافته ملڪن ۾ تعليم جي شعبي جي اندر جديد تعليم کي متعارف ڪرائي دنيا ترقي ڏانهن اڳتي وڌي رهي آهي يونيورسٽي آف ماڊرن سائنس جي ٻي ڪانووڪيشن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي بهترين ڪارڪردگي تعليمي معيار کي بلند ڪرڻ پڻ تعليمي شعبي ۾ نمايان ڪارڪردگي آهي جنهن سان هن شعبي جي اندر خاص طور توجهه ڏئي مستقبل جي معمار کي جديد تعليم ڏانهن اڳتي ڏانهن وڌايو ويو آهي ، جيڪا يونيورسٽي جي انتظاميه جي بهترين ڪارڪردگي جو حصو آهي ، هن اعلان ڪيو ته سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت کان پڻ يونيورسٽي جي ترقي لاءِ خاص گرانٽ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ته جيئن يونيورسٽي وڌيڪ ترقي ڏانهن اڳتي وڌي ، تقريب کي يونيورسٽي آف ماڊرن سائنس جي چانسلر ڊاڪٽر محمد اقبال ميمڻ خطاب ڪندي چيو ته سائنسي شعبي ۾ يونيورسٽي جي مختلف ميڊيڪل جي ليبارٽري ٽيڪنالاجي ، بزنس ۽ ايڊمنسٽريشن جي شعبن ۾ پنهنجي گريجوئيشن حاصل ڪندڙ 68 جي انگ اکر ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين جي ذهانت جو اهم ڪردار آهي جنهن ۾ پنهنجي قابليت تحت هن شعبي جي اندر گريجوئيشن مڪمل ڪئي آهي يونيورسٽي انتظاميه ان لاءِ عملي طور تعليم جي شعبي کي اڳتي وڌايو آهي ته جيئن هر ڪانووڪيشن ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين جي تعداد ۾ اضافو اچي سگهي ، جديد ٽيڪنالاجي واري هن دور اندر سائنسي تعليم واري شعبي ۾ مهارت حاصل ڪندڙ کي پوري دنيا اندر تمام گهڻي فوقيت حاصل آهي ، تقريب کي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر جان محمد ميمڻ ، يونيورسٽي آف ماڊرن سائنس جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فيروز ميمڻ ، قاضي فيض ، چيئرمين فائونڊيشن زمان ميمڻ ، رجسٽرار مشتاق علي قريشي ، ڪنٽرولر امتحان ڊاڪٽر مديحه ذڪي ، انجنيئر پير عاصم جان سرهندي ، موهن لال ايسراڻي ، محمد رفيق ميمڻ ، ڊاڪٽر مشتاق نظاماڻي ۽ ٻين پڻ تقريب دوران يونيورسٽي جي گريجوئيشن واري ڪارڪردگي کي جديد سائنسي تعليم لاءِ بهتر قدم قرار ڏنو ، انهي موقعي تي سائنسي شعبي ۾ گريجوئيشن حاصل ڪندڙ 68 شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ سنڌن گريجوئيشن واري تعليم مڪمل ٿيڻ تي سرٽيفڪيٽ شيلڊس تمغا ۽ انعام تقسيم ڪيا ويا .

بقايا 16 | جاچ شروع ڪئي

اڪبر ڪوڪر مورو شهر جي مختلف روڊن رستن تي پوليس نفري ساڻ ڪري اسنيپ چيڪنگ ڪئي شڪي ماڻهن جي تلاشي ورتي موٽرسائيڪل سوارن ۽ ڪارن جا پڻ ڪاغذ چيڪ ڪيا ويا ۽ بنا ڪاغذن جي موٽر سائيڪلون تحويل ۾ وٺي ٿاڻي تي منتقل ڪري ڇڏيون جن جي ڪاغذن جي جانچ پڙتال ڪئي ويندي انهيءَ موقعي تي ايس ايڇ او علي اڪبر ڪوڪر ٻڌايو ته مورو شهر اندر امن امان جي صورتحال کي برقرار رکندي هر شڪي ماڻهو جي اسنيپ چيڪنگ ڪئي وڃي پوليس جا جوان هر وقت مورو جي شهرين کي تحفظ ڏيڻ ۽ سماجي برائين جي خاتمي لاءِ الرٽ آهن ڪنهن به قسم جي ڏوهه ۾ ملوث جوابدارن کي بخش هرگز نه ڪيو ويندو مورو جي شهرين جي جان مال جو تحفظ سميت مورو شهر مان سماجي برائين جو خاتمو اسان جو اولين فرض آهي.

بقايا 17 | سيءَ ۾ اضافو

مرڪزن جي اندر واپارين گرم ڪپڙن ، ڪوٽن ، سوئيٽرن ٽوپي شالن جا اگهه وڌائي ڇڏيا آهن جنهن ۾ 25کان 30 فيصد اگهه وڌائڻ سان هيٺين وچولي طبقي سان گڏ عام غريب مسڪين پورهيت مزدور هاري طبقي جي لاءِ گرم ڪپڙا خريد ڪري پائڻ سنڌن وس کان تمام گهڻو مٿانهون ٿي ويو آهي جنهن بابت عوام حلقن جو چوڻ آهي ته حڪومت کي مهانگائي جي روڪٿام لاءِ قدم کڻڻ گهرجن ته جيئن عوام ڪنهن به تبديل ٿيندڙ موسم ۾ پنهنجي ڪپڙن جي خريداري آساني ڪري سگهي ، هوڏانهن ٽنڊو محمد خان ۾ سيءَ ۾ اضافي ڪانپوءِ کاڌ خوراڪ جي گرم شين جي واپارين ۾ اضافي ٿيڻ جي ڪري پڻ اگهه وڌايا ويا آهن .

بقايا 18 | بشرا آرائين

نه ڪرڻ تي سخت رد عمل ظاهر ڪندي ڪيو هن چيو ته رٽائرڊ ليڊي هيلٿ ورڪرن پنهنجيون زندگيون عوامي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيون. پوليو مهم هجي، حفاظتي ٽيڪا ڏيڻ، ٻوڏ جي صورتحال هجي يا ڪورونا جهڙي خطرناڪ ۽ خطرناڪ صورتحال هجي، انهن عورتن هر محاذ تي فرنٽ لائن ۾ ڪم ڪيو. زندگي جي خطرن، دهشتگردي، سخت موسم ۽ سماجي دٻاءَ جي باوجود، اهي پر عزم رهيون اهن ان جي باوجود، اج اهي ئي عورتون خزاني آفيس بدين جي رحم ڪرم تي ڇڏيل آهن سڄي سنڌ ۾ رٽائرڊ ليڊي هيلٿ ورڪرز کي پينشن ڏني پئي وڃي، پر بدين ۾، ڪجهه آفيسر اختيارن جي من ماني ۽ بدانتظامي جي ڪري پينشن روڪي رهيا آهن. جنهن جي ڪري ڪيترين ئي عورتون وسيلن ۽ علاج کان محرومي ۽ ٻين مشڪلاتن جو شڪار آهن. انهن رٽائرڊ ملازمن جو چوڻ آهي ته ڇا بدين ٽريزري آفيس ۾ قانون ۽ ضابطا معطل آهن خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن رٽائرڊ ليڊيز هيلٿ ورڪرز کي فوري طور تي انهن جي پينشن ادا نه ڪئي وئي ته بدين ضلعي ۾ هڪ سخت احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي، اهي خزاني آفيس جي سامهون ڌرڻا، پريس ڪلب جي سامهون احتجاج، روڊ بند ڪرڻ ۽ قانوني ڪارروائي جهڙا سخت قدم کڻڻ تي مجبور ٿيندا. جڏهن ته انهن حلقن مطالبو ڪيو آهي ته نيشنل پروگرام آفيس بدين فوري طور تي رٽائرڊ ليڊيز هيلٿ ورڪرز جي مڪمل فهرست جاري ڪري، خزاني آفيس جي ذميوار آفيسرن خلاف جاچ ڪئي وڃي ۽ پينشن جي ادائيگي کي بنا دير يقيني بڻايو وڃي، ٻي صورت ۾ هن ناانصافي خلاف پوري ملڪ ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 19 | اعزاز ۾ آجياڻو

سيڪريٽري سهيل مجيد ڪٽي،انفرميشن سيڪريٽري فيضان علي لوهار ۽ٻين سجاول بار جي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيندي اجرڪن جا تحفا ڏنا ان موقعي تي انجمن عاشقان مصطفي ص جي اڳواڻن چيو ته اسان جي تنظيم جو بنياد دين جي دعوت عام ڪرڻ ۽ فلاحي ڪمن ۾ حصو وٺڻ آهي.اسان سجاول ضلعي جي بنياد وجهڻ ڪانپوءِ ضلعي جي هر ڳوٺ هر شهر ۾ پنهنجا يونٽ قائم ڪنداسين ان موقعي تي سجاول بار جي سرپرست اعلي مسعود شاهه،جنرل سيڪريٽري عمران شاهه ،وڪيل عبدالطيف ڪٽي ۽ ٻين چيو ته سجاول بار جا وڪيل هر وقت سجاول جي ماڻهن لاءِ حاضر آهن اسان شهر جي سياسي،سماجي مذهبي تنظيمن جي قانوني مدد لاءِ هر وقت تيار آهيون.سجاول ضلعي جي بنيادي مسئلن لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي اڃا به ڪنداسين ته جيئن سجاول ضلعي جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهون ان موقعي تي غلام عباس لوهار،ظهيرميمڻ،شعيب ڪٽي،صدام ڪٽي ،پپو لوهار سميت ٻيا موجود هئا

بقايا 20 | آپريشن جاري

آهي. آپريشن ڪيهراڻي جتوئي گينگ، جوٽيجو گينگ ۽ هي آپريشن مگنيجو گينگ جي ڌوهاري عنصرن خلاف وڏي پوليس نفري، بڪتر بند گاڏين ۽ جديد ڊرون ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪيو پيو وڃي. هي آپريشن ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ جي اڳواڻي ۾ ڪيو پيو وڃي. سرچ آپريشن دوران، هاٿي ٿاڻين 2 ڌاڙيل مارجي ويا آهن ۽ 13 ڌاڙيل زخمي ٿي پيا آهن. جڏهن ته مسافرن کان چوري ڪيل سامان ۽ سچاڳ ڪارو پڻ ڌاڙيلن جي ٺڪاڻن مان هٿ ڪيا ويا آهن. ڪارروائي دوران ڌاڙيلن جي ٺڪاڻن کي مسمار ڪيو ويو. مارجي ويل ڌاڙيلن جي لاشن کي تحويل ۾ وٺڻ لاءِ هڪ ٽيم موڪلي وئي آهي. ايس ايس پي شاهزيب چاچڙ جو چوڻ آهي ته هي آپريشن شهيد ايس ايڇ او خميسو بروهي جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي ۽ اهو ۽ جيستائين ڌاڙيل هٿيار ڦٽا نه ڪندا، آپريشن جاري رهندو

بقايا 21 | پٽ کيون ويون

چوڪ سي آءِ ڊي موڙ سميت مختلف علائقن ۾ ڪارروائيون ڪري حددخليون هٽايون ويون ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار شيراز احمد قليوٽو جو چوڻ آهي ته شهر ۾ حددخلين جو آزار وڌي ويو هو شهرين جي شڪايتن بعد ڊي سي خيرپور جي حڪم تي ڪارروائيون شروع ڪيون ويون آهن مختلف علائقن ۾ ڪارروائيون ڪري قائم ڪيل غير قانوني حددخليون هٽايون ويون آهن هرصورت ۾ شهر مان حددخليون ختم ڪرائي شهرين کي سهولتون فراهم ڪيون وينديون.

بقايا 22 | دعويٰ

پڇي ويا،ايس ايڇ او مورو پاران پيڇو ڪرڻ تي جوابدار شاهپورجهانيان جي سولنگي محلي واري علائقي جي گهٽين مان ٿيندا،گهرن جي ڇتين تان ٽپو ڏئي رورل هيلٿ سينٽر شاهپورجهانيان ۾ داخل ٿي ويا، جتي دوا وٺڻ لاءِ آيل فوجي محمد بخش بگو کان هٿيار جي زور تي سي ڊي 70 موٽر سائيڪل، ماڊل 2018، ڦر ڪري فرار ٿي ويا.

بقايا 23 | هڪ ڄڻو قتل

تي قتل ٿي ويو جڏهن ته آٽوز تي ڪم ڪندڙ پورهيت ڳوٺ لونگ مهيسر جو رهواسي ضامن مهيسر گولي لڳڻ سبب سخت زخمي، جن کي فوري طور تعلقه اسپتال ميهڙ آندو ويو اتا وري زخمي کي ايمرجنسي ۾ لاڙڪاڻو منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته شهري فوتي کي ڏسڻ لاءِ گڏ ٿي ويا ٻئي طرف ڊي ايس پي ميهڙ معشوق احمد ڪيريو ٻڌايو ته فوتي اميد علي سرگاڻي ڪجهه سال اڳ ڪريم بخش سرگاڻي جي ڌي سان زبردستي شادي ڪئي هئي اج حاضري تي ميهڙ ڪورٽ آيل هو جنهن کي جوابدارن پلاٽد ۾ گوليون هڻي قتل ڪيو آهي پوليس وڌيڪ جانچ ڪري رهي آهي جوابدار راڏڻ لڳ ڳوٺ اٿن پوليس پهتي ته گهر خالي هئا

بقايا 24 | احتجاجي مظاهرو

اسان جا رستا روڪ ڪري اسان جي هارين سان وڙهن ٿا ۽ کين زمين تي اچڻ نٿا ڏين ، هنن چيو ته اڄ به اسان جا هاري ۽ اسان ڪمند جي ڪٽائي ڪرائي رهيا هياسون ته بااثر ماڻهون 30 کان مٿي ماڻهون وٺي اسان مٿان هلان ڪري اسان کي پنهنجي زمين مان ڪمند جي ڪٽائي کان روڪي اسان جي هارين کي مارڪٽ ڪري ڀڄائي ڇڏيو هنن چيو ته اهڙي دانهن ڪٽي حد جي ٿاڻي پيروسڻ تي وڃون ٿا ته پوليس به اسان جي دانهن ٻڌي اٿڏي ڪري ڇڏي ٿي ۽ اسان جو تدارڪ ڪرڻ جي بجاءِ باثرن سان ٻٽ ٻٽيل آهي هنن آئي جي سنڌ، ايس ايس پي خيرپور سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو ته اسان جي زرعي زمين تي قبضي جي ڪوشش ڪري اسان مٿان حملا ڪري اسان کي مختلف طريقن سان تنگ ڪندڙ باثرن خلاف ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 25 | احتجاجي ريلي

محمد بچل ڌهيو الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته اسين حڪومت جي سياسي انتقامي ڪاروائين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي قيادت ۽ ڪارڪنن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي عوامي آواز کي دٻائڻ جون ناڪام ڪوششون ڪيون پيون وڃن، جيڪي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون وينديون هنن چيو ته ڊاڪٽر زين پتو سميت ٻين ڪارڪنن جون گرفتاريون جمهوري قدرن، انساني حقن ۽ آئين جي ڀڃڪڙي آهي. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي سنڌ جي حقن، وسيلن ۽ خودمختياري لاءِ جدوجهد جاري رکندي ۽ ڪنهن به ڏاڍ آڏو جهڪڻ واري ناهي هنن مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽر زين پتو سميت سمورن گرفتار ڪارڪنن کي ترت آزاد ڪيو وڃي ۽ سياسي ڪارڪنن خلاف جاري ڪاروايون بند ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 26 | مظاهرو

گوپانگ، بلال جوڻيجو، وقار جوڻيجو ساگر سنڌي، نبيل ساريو، وسيم عباس گوپانگ، مقصد علي سنڌي ۽ ساگر چانڊيو سميت شهرين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو ته سنڌ توڙي سنڌي ماڻهن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ تي سرڪار بوکلاهجي وئي آهي، جيڪا ايس يو پي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪري رهي آهي، جيڪو ناقابل برداشت عمل آهي. هنن چيو ته جيل ۽ سختيون منزل ماڻڻ کان نه ٿيون روڪي سگهن. هنن مطالبو ڪيو ته نوابشاهه، دادو ۽ ميهڙ سميت سموري سنڌ مان گرفتار ڪيل ايس يو پي جي اڳواڻن حبيب حضوري، سڪندر سوڊر ۽ ٻين اڳواڻن توڙي ڪارڪنن کي بنادير آزاد ڪري مٿن داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن، ٻي صورت ۾ احتجاج کي وڌايو ويندو.

بقايا 27 | انصاف جو مطالبو

ڪرڻ جو الزام لڳايو ويو آهي جنهن بعد هنن نوجوان اغوا ٿيڻ خلاف وارثن ڏمال چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي اغوا ٿيل نينگر ذيشان جي والد غلام اڪبر ڪوريجو اصغر ڪوريجو راشد رند، غلام عباس ڪوريجو، شاهد ڪوريجو، عبدالحڪيم بڙدي محمد بخش رند، محمد ايوب رند، ياسين رند ۽ ٻين الزام مڙهيندي چيو ته 10 ڏينهن اڳ اسان جو نوجوان ذيشان حيدرآباد وڃڻ بعد اچانڪ گم ٿي ويو جنهن بعد اسان سندس گولا ڪرڻ شروع ڪئي ۽ موبائل جي ڊيٽا ۽ ڪيرائي ته خبر پئي ته هو سيوهڻ جي هڪ ڊاڪٽر ڪرم شيخ جي سالِيءَ جي پٽ ريحان ميمڻ سان رابطي ۾ هيو پوءِ اسان ڄاڻايل ڊاڪٽر سان مليا سين ته انهن اسان جي نينگر مٿان الٽو الزام لڳايو ته توهان جو ڇوڪرو منهنجي شادي شده نياڻي ثانيه زال عبدالعزيز کي اغوا ڪري ويو آهي. هنن چيو ته اسان جي نوجوان جو ذهني توازن به درست ناهي جنهن جو علاج هلندڙ آهي ان جي باوجود اسان جي مٿان ناري ثانيه جي اغوا جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي اسان کي ڌمڪايو رهيو آهي اسان کي شڪ ظاهر آهي ته نوجوان کي قتل ڪيو ويو آهي. هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي جامشورو کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي جاچ ڪري نوجوان کي بازياب ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 28 | سرينڊر ڪري ڇڏيو

ڌاڙيلن هٿيار ڦٽا ڪري پوليس آڏو سرينڊر ڪري ڇڏيو. ايس ايس پي محمد ڪليم ملڪ جي پريس ڪانفرنس. خبر موجب: ايس ايس پي جيڪب آباد محمد ڪليم ملڪ ٺل ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي آهي ته 15 جنوري تي ٻي سيڪشن ٿاڻي جي حدن ۾ جديد ٽيڪنالوجي ۽ اسلحي جو استعمال ڪندي ڌوهارين خلاف آپريشن تيز ڪري ڇڏيو جيڪو مسلسل جاري رهيو. جيڪب آباد پوليس ڌوهارين جو ڪشمور ضلعي تائين پيڇو ڪيو ۽ ڌوهارين مٿان پنهنجو پريشر برقرار رکيو جنهن جي نتيجي ۾ بنگلاڻي گينگ جي 9 ڌاڙيلن سليمان بنگلاڻي، مزار بنگلاڻي، برڪت بنگلاڻي، ياسين بنگلاڻي، مور عرف جمعو بنگلاڻي، اول بنگلاڻي، عمران بنگلاڻي، شاهل بنگلاڻي ۽ حير الدين بنگلاڻي پنهنجو پاڻ پوليس آڏو هٿيار ڦٽا ڪري گرفتاري پيش ڪئي آهي، هن چيو ته بنگلاڻي گينگ برڪت بنگلاڻي ناهي هٿي جيڪو ڪجهه وقت اڳ پوليس مقابلي مارجي ويل ناليواري ڌوهاري ڪالي بنگلاڻي جو پٽ آهي، هن چيو ته بنگلاڻي گينگ جي گرفتار ڌوهارين مٿان ڦر ڌاڙن، پوليس مقابلن سميت مختلف ڌوهن جا 50 کان وڌيڪ ڪيس مختلف ٿاڻن تي داخل ٿيل آهن. گرفتاري ڏيندڙ ڌوهارين تعلقي ٺل جي مختلف علائقن سميت ڪشمور ضلعي ۾ پڻ ڌوهه ڪيا آهن. هن چيو ته جيڪب آباد، ٺل ۽ ڳڙهي خيرو جي عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ پوليس ڏينهن رات محنت ڪري رهي آهي، ٺل ۾ مان بهترين آفيسر مقرر ڪيا آهن ته جيئن امن امان جي صورتحال مڪمل طور تي بهتر ٿئي سگهي، هن چيو ته چارج وٺڻ وقت ئي آئون پهريون آپريشن ٺل ۾ بنگلاڻي گينگ خلاف شروع ڪيو هو جيڪو هن وقت تائين جاري رهيو هن چيو ته جيئن منهنجي نئين پوسٽنگ ٿي ته ٺل ۾ ڌوهن جو تعداد وڌيڪ هو جنهن بعد اسين ڌوهارين خلاف ڪاروايون ڪري ڪافي حد تائين ڪنٽرول ڪيو آهي، هن چيو ته ٺل ۾ بنگلاڻي گينگ خوف جي علامت بڻيل هئي، پوليس جي ڪامياب آپريشن جو نتيجو آهي جو اڄ ٺل جا شهري سکون جي ننڊ سمهي رهيا آهن. ايس ايس پي وڌيڪ چيو ته تمام ڌاڙيلن لاءِ پيغام آهي ته هو پنهنجو پاڻ هٿيارڦٽا ڪري پوليس آڏو گرفتاري پيش ڪن، ٻي صورت ۾ پوليس جون ڌوهارين خلاف سخت ڪاروايون جاري رهندو ۽ پوليس ڌوهارين خلاف ڪاروائين ۾ پنهنجي جان جو نذرانو ڏيڻ کان به نه ڪيٻائيندي ساهه جي آخري دم تائين ڌوهارين خلاف بي رحم آپريشن جاري رهندو ان لاءِ ڌوهارين لاءِ بهتر آهي ته هو پاڻ گرفتاري ڏين ۽ عدالتن ذريعي ڪيسن کي منهن ڏئي نئين طرح سان شرافت واري زندگي گذارين. هن چيو ته پوليس سان گڏ رينجرز ۽ حساس ادارن جا ماڻهون به ڌوهارين خلاف آپريشن ۾ شامل آهن.

بقايا 29 | چونڊ

نشات تنظيم جماعت لواري شريف ريجن بدين پاران وليج پير محمد صادق قريشي نقشبندي جو تنظيمي اجلاس صدر محترم فتح الله جوڻيجو جي صدارت ۾ آر بي جنا هوم تي ٿي گذريو اجلاس ۾ نشات تنظيم جماعت لواري شريف جي مرڪزي نائب صدر محترم مولا بخش جنا صاحب خصوصي طور شرڪت ڪئي، جنهن ۾ سال 27 - 2026 لاءِ يونٽ باڊي چونڊي وئي جنهن ۾ صدر صلاح الدين ڪيريو نائب صدر عبدالرحيم جوڻيجو جنرل سيڪريٽري رسول بخش جوڻيجو جوائنٽ سيڪريٽري عطا محمد جنا، خزانچي غلام ياسين جوڻيجو کي مقرر ڪيو ويو. جڏهن ته ريجن عهديدارن نائب صدر محمد سومار ڪوريجو، هدايت الله جوڻيجو ڊاڪٽر محمد سليم جوڻيجو پڻ موجود هئا. ان موقعي تي تنظيم جي بهترين ڪارڪنن رحيم بخش جنا، فرحان جوڻيجو ريحان جوڻيجو ۽ صابر احمد ٽالپر کي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. ان موقعي تي نشات ميڊيا سيل جي محمد موسيٰ جنا ۽ شمس صلاح ڪيريو کي پڻ گلن جا هار پارائي شڪريو ادا ڪيو ويو. نشات تنظيم جماعت لواري شريف ريجن بدين نائب صدر محمد سومار ڪوريجو پاران نئين آيل باڊي کان حلف وفاداري جو وچن ورتو ويو.

بقايا 30 | طارق ٽالپر

منصفاڻي، روشن خيال ۽ جامع سماج جي اوسر لاءِ سڀ کان اثرائتو وسيلو آهي. تعليم جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ صحافين جي وفد سان ملاقات دوران صوبائي وزير مير طارق علي ٽالپر چيو ته تعليم صرف درسگاهن تائين محدود ناهي، پر اها قدر، شعور ۽ سماجي ذميواري جي جاڳ کي پڻ جنم ڏي ٿي.صحافين جي وفد م صدر آغاروزمان مرغزاني سرپرست اعليٰ نصيراحمد قريشي،[illegible] ورڪنگ ڪميٽي اشفاق احمد اشفي نائب صدر شفيق قائمخاني شامل هوهن چيو ته ڪا به قوم تيستائين ترقي نٿي ڪري سگهي جيستائين هر ٻار کي، سندس پس منظر يا جنس جي متيبد کان سواءِ، معياري تعليم تائين برابر رسائي فراهم نه ٿي ڪئي وڃي، مير طارق علي ٽالپر چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه تعليم کي پنهنجي نظرياتي بنياد جو مرڪزي ٿنڀ سمجهيو آهي. هن چيو ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو تعليم کي ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ جو ذريعو قرار ڏنو جڏهن ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو سڄي زندگي عورتن ۽ محروم طبقن جي تعليمي حقن لاءِ پڻ جاکوڙيو هن وڌيڪ چيو ته پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت هيٺ سنڌ حڪومت عوام دوست پاليسين ۽ سماجي ڀلائي جي قدمن ذريعي قائد عوام ۽ بي بي شهيد جي ليگيسي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي. صوبائي وزير مير طارق علي ٽالپر والدين، استادن ۽ سماج جي سڀني طبقن تي زور ڏنو ته ايندڙ نسلن جي روشن مستقبل لاءِ گڏيل ڪوششون ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته هر تعليم يافته ٻار هڪ مضبوط ۽ وڌيڪ مساوات تي ٻڌل مستقبل جي ضمانت آهي.

بقايا 31 | احتجاجي مظاهرو

شهر واسي آهيان، پر ڪافي سالن کان وٺي لاڙڪاڻي شهر جي علي گوهر آباد پاڙي ۾ واقع مسجد ۾ پيش امامي ڪرڻ سان گڏ ٻارڙن جا راندڪا وڪرو ڪري پيٽ گذر ڪندو آهيان، هن چيو ته گذريل اڱاري ڏينهن آئون شاهي بازار مان راندڪا خريد ڪرڻ وڃي رهيو هيس ته رستي ۾ بازاروٽ هڪ نامعلوم موٽرسائيڪل سوار هٿياربند مونکي هٿيار جي زور تي يرغمال بڻائي پاڻ سان گڏ موٽرسائيڪل تي کڻي شهر جي سچل ڪالوني ۾ مون مٿان تشدد ڪرڻ بعد موبائيل فون ۽ 5 هزار روپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويو، اهڙي واقعي جو اطلاع علي گوهر آباد پوليس چونڪي تي ڏنو پر پوليس منهنجي ڪابه مدد نه ڪئي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي، هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڦورو خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ ڦر ڪيل فون ۽ رقم واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

آفيس
ڊويزنل فاريسٽ آفيسر
سلويڪلچر ريسرچ ڊويزن، حيدرآباد
نمبر: D.IV(a)/-276 سال: 26-2025 حيدرآباد. تاريخ: 22-01-2026

تصحيح

حوالو: هن آفيس جي ٽينڊر نوٽيس نمبر EP ADS-S-26010677369 جيڪو تاريخ 10-01-2026 تي جاري ڪيو ويو هو. سمورن واڪ ڏيندڙن کي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته ٽينڊر دستاويز ۽ شيڊول جي صفحي نمبر 11 تي بل آف ڪوانٽيٽيز (BOQ) ۾ ترميم/نظرثاني ڪئي وئي آهي. نظرثاني ٿيل BOQ جي نقل، RFT 5000 چين لنڪ فينسنگ جي مقدرءِ ريٽس ظاهر ڪرڻ واري نظرثاني ٿيل BOQ جي ڪاپي سان گڏ منسلڪ آهي.
وڌيڪ اهو ته ٽينڊر دستاويز جي جاري، آڇن کي جمع ڪرڻ جي آخري تاريخ ۽ ٽينڊر کولڻ جي تاريخ 26-01-2026 کان وڌائي ڪري 29-01-2026 ڪري ڇڏي آهي. اصل ٽينڊر نوٽيس ۾ ڄاڻايل جي مطابق ان لينڊ فاريسٽ مياڻي ۾ چين لنڪ فينسنگ (RFT 5000) جي تعمير، ريسٽ هائوس مياڻي جي چوڌاري چين لنڪ فينسنگ (RFT 1220) جي تعمير فاريسٽ ڪمپليڪس آٿوپان روڊ لطيف آباد. حيدرآباد ۾ ڪنڪريٽ پيونگ بلاڪ جي تعمير، فاريسٽ اينڊ وائلڊ لائف ٽريننگ اسڪول مياڻي جي داخلي دروازي کان فاريسٽ ريسٽ هائوس تائين ڪنڪريٽ پيونگ بلاڪ روڊ جي تعمير جي ڪمن متعلق آهن ۾ شامل آهن. انهن جي آڇ جمع ڪرائڻ جو منجهند 2:30 وڳي ۽ آڇ کولڻ جو وقت منجهند 3:00 وڳي هوندو ۽ جن جا ٽينڊر نمبرز
EPADS-S-26010677369, EPADS-S-260106771
EPADS-S-26010677373, EPADS-S-26010677376
ان ڪانسواءِ اصل ٽينڊر نوٽيس ۾ ڄاڻايل سمورا شرط ۽ ضابطا بدستور نافذ العمل ۽ پابندي جوڳا رهندا. اصل آڇ دستاويز بذريعي ويب سائيٽ www.pprasindh.gov.pk تان حاصل ڪري سگهجي ٿي.

صحيح:
(واجد علي سولنگي)
ڊويزنل فاريسٽ آفيسر
سلويڪلچر ريسرچ ڊويزن، حيدرآباد
INF-KRY # 0259/26
WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

خيرپور ويجهو جوابدارن مبينا طور ڪارنهن الزام هيٺ ناري ۽ نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو

ڪوٽ ميرمحمد ۾ شر برادري جي جوابدارن ڪارنهن الزام هيٺ ناري الهورائي شر کي قتل ڪري ڇڏيو

ساڳين ئي جوابدارن ڪي ئي زمان شاهه واري علائقي ۾ الزام هيٺ آيل نوجوان غلام حسين تيغاڻي کي قتل ڪيو

پوليس ناري ۽ نوجوان جا لاش ڪٽائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ويجهو الڳ الڳ واقعن ۾ جوابدارن مبينا طور ڪارنهن الزام هيٺ ناري ۽ نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو جڏهن ته جوابدار واقعي ڪانپوءِ فرار ٿي ويا آهن واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ هٿيارٻندن جي حملي ۾ نوجوان زخمي، وارثن جو احتجاج

نظاماڻي ڪالوني واسي شاڪر مڪراني جوابدارن پسٽل جا بٽ ۽ چاقو هڻي زخمي ڪيو

وارث پاران نوجوان کي اسپتال داخل ڪرائي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي نظاماڻي ڪالوني جي رهواسي شاڪر حسين مڪراني تي هٿيارٻندن ڪاسميٽڪس جي دڪان تي حملو ڪري ڇڏيو جوابدارن پسٽل جا بٽ ۽ چاقو هڻي شاڪر حسين کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي ٿلهي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي خلاف معاشر ڊر پاران احتجاج ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي ماريا خاتون، شازيا خاتون ۽ آسيه خاتون ڪئي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته جوابدار کلي عام گهمي رهيا بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

بادهه: ايس يو پي ڪارڪن ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪوٽڙي ۾ شهنائي نواز استاد عبدالله خان کي فني خدمتن عيوض ڀيٽا تقريب

ثقافت کاتي پاران ڪوٺايل تقريب ۾ علمي ادبي، صحافي، فني دنيا سان تعلق رکندڙن جي شرڪت

استاد عبدالله شهنائي کي نئين جدت ڏني لوڪ، لوڪ ڪلاسيڪل راڳ ۾ متعارف ڪرايو: مقرر

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي ۾ ثقافت کاتي پاران سنڌ جي نامور شهنائي نواز استاد عبدالله خان کي فني خدمتن عيوض ڀيٽا تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ علمي ادبي،صحافي،فني دنيا سان جڙيل ڪوٽڙي مختلف مڪتبي فڪر سان تعلق رکندڙن شرڪت ڪري استاد عبدالله خان کي لفظن جي مڃتا ڏيندي سنڌ جو استاد بسم الله خان قرار ڏنو ويو ڀيٽا تقريب ۾ مقررن استاد عبدالله خان کي شهنائي جو عظيم ڪلاڪار ڪوٺيندي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

پيش ٿيندڙ ڪنهن به شخص سان ڪا به ناجائزي نه ٿيندي: ايس ايس پي لاڙڪاڻو

گهوٽڪي جي ڪچي ۾ آپريشن دوران انور ۽ سعيد شر هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن

ٻنهي ڌوهارين خلاف مختلف ٿاڻن ۾ 15 کان وڌيڪ سنگين نوعيت جا ڪيس داخل ٿيل آهن

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري جي گهوٽڪي جي ڪچي واري علائقي راونتي ۾ اسد شاهه ڪئمپ تي ڌوهارين خلاف اڳڀرائي ڪندي ڪارروائين جي نتيجي ۾ 2 اشتهاري ڌوهارين انور ولد فيروز شر ۽ سعيد ولد انور شر ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد چوڌري جي اڳواڻي ۾ پوليس آڏو هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري ٻڌايو ته ٻنهي ڌوهارين خلاف ضلع گهوٽڪي جي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: ڇت تان ڪري فوت ٿيل مزدور جو لاش

پنوعاقل لڳ چور گهر کي ڪاٽ هڻي پورهيت جون 5 رڍون ڪاهي ويا، متاثر جو احتجاج

پنوعاقل(ن ع) گذريل رات ڳوٺ خاصو مان نامعلوم چور رڍون چاريندڙ پورهيت ڪيول ماروائي جي گهر کي ڪاٽ هڻي سندس رڍن جي سال جي واڙ مان 05 رڍون چوري ڪري ڪاهي فرار ٿي ويا،ان سلسلي ۾ پورهيت احتجاج ڪندي ايس ايس پي سکر کان نوٽيس جو مطالبو ڪيو

راڄوخاناڻي پرسان 18 سالن جي ناري ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

راڄوخاناڻي(ن ع) راڄوخاناڻي پرسان ڳوٺ ساوجي ڪولهي ۾ 18 سالا غير شادي شده ڪنواري نوجوان ناري جيبو ڏي ڪيول ڪولهي پنهنجي گهر اندر ڇت جي لاٽ ۾ ڪپڙي جو رسو ڦاهي گهچيءَ ۾ ٻڌي ڦاهو کائي خودڪشي ڪري پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو رابطو ڪرڻ تي راڄوخاناڻي پوليس جي وڏي منشي لياقت علي منگواڻو عبرت کي ٻڌايو ته فوتي ناريءَ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

راڄوخاناڻي: ڦاهو کائي آپگهات ڪندڙ ناري جو لاش پيل آهي

چڪ ويجهو ڏير زمين جي معاملي تان ڀاڄائي کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو، جوابدار گرفتار

ڳوٺ محمد حسن چنه ۾ جوابدار غلام محمد عرف گلو چنه ڀاڄائي سيما زال عبدالرزاق چنه کي قتل ڪري ڇڏيو

پوليس پهچي جوابدار کي گرفتار ڪري عورت جو لاش ڪٽائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

چڪ (رپورٽ غلام رسول جتوئي)رستم پرسان زمين جي معاملي تان ڏير هٿان ڀاڄائي قتل ،رستم ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد حسن چنه ۾ جوابدار غلام محمد عرف گلو چنه پنهنجي ڀاڄائي سيما زال بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو: پنج ڏينهن واري جشن ڪنڊيارو ۾ ٿيل مختلف تقريبون ۽ مقابلن جو ڏيک

تبليغي جماعت پاران لاڙڪاڻي جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو تمام وڏو اجتماع ڪرايو پيو وڃي: خالد بٽ

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ)لاڙڪاڻي تبليغي جماعت پاڪستان رائيونڊ مان وفد جي امير خالد بٽ، فاروق شيخ، عاصم علي ۽ ٻين پاران لاڙڪاڻي پهچي پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سردار محمد نواز شيخ سان ملاقات ڪرڻ کان پوءِ ساٿين ڳالهائي 12 بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

شاهه بانو ملاح تشدد ۾ ملوث جوابدارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو، آءِ جي

آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ڪيس جي شفاف، غير جانبداري جاچ ڪئي وڃي

نياڻي کي انصاف جي فراهمي ناگزير ڪارروائي جاري رهندي: قرت العين مري سان ملاقات ۾ ڳالهيون

ڄامشورو نوازعلي (ن ع) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو بيراڻي هائوس پهتو جتي هن بيراڻي هائوس ۾ پ پ سينيٽر قرت العين مري سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران چوڪيدارين ۾ تشدد جو شڪار ٿيل چوڪري شاهه بانو ملاح جي ڪيس تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ملاقات ۾ شاهه بانو بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ 14 ورهين جي نينگر جو لاش ملڻ وارو معامرو، جوابدار گرفتار

پوليس ڪارروائي ڪري علي اصغر ولد خميسو چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو

نينگر جي والد امير بخش جي فرياد تي جوابدار علي اصغر چانڊيو مٿان ڪيس داخل

ميهڙ(ن ع) ميهڙ ۾ 14 سالا نينگر جو ڪپڙن کان آجو لاش ملڻ وارو واقعو ايس ايس پي دادو ڪيپٽن(ر) امير سعود مگسي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

دادو پائلٽ سيڪنڊري هاءِ اسڪول ۾ رٽائر ٿيندڙ ٽن استادن جي مان ۾ الوداعي تقريب

نياض احمد قريشي، اختر علي برهماڻي ۽ گلزار علي ڪلهوڙو کي ٽوپين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش

دادو(ڊ ر) پائلٽ سيڪنڊري هاءِ اسڪول دادو ۾ رٽائر ٿيندڙ ٽن استادن جي مان ۾ اسڪول ۾ هڪ پروقار شاندار الوداعي پارٽي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

لاهور: ڪاڏي جون مختلف شيون ريڙهي تي وڪري لاءِ رکيل آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ يونيورسٽي آف ماڊرن سائنس جي پهي سالياني ڪانووڪيشن، 68 شاگردن سرٽيفڪيٽ تقسيم

تعليم جي شعبي جي اندر جديد تعليم کي متعارف ڪرائي دنيا ترقي ڏانهن اڳتي وڌي رهي آهي: رسول بخش چانڊيو

حڪومت ۽ وفاقي حڪومت کان پڻ يونيورسٽي جي ترقي لاءِ خاص گرانٽ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي

يونيورسٽي جي انتظاميه شاگردن جي ڪارڪردگي کي ساراهيو، تعليمي شعبي ۾ معيار بلند ڪرڻ جو اعتراف

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي يونيورسٽي آف ماڊرن سائنس جي پهي سالياني ڪانووڪيشن ۾ 68 شاگردن ۽ شاگردياڻين کي گريجوئيشن جا سرٽيفڪيٽ انعام شيلڊس ميڊل تقسيم بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

مورو پوليس پاران اسنيپ چيڪنگ دوران بنا ڪاغذن جي موٽرسائيڪلون تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي

مورو(ن ع) ايس ايس پي نوشهرو فيروز مير روحل خان کوسو جي سخت هدايتن تي مورو ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر علي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: استاد عبدالله جي ياد ۾ ميڙاڪي جو ڏيک

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن ۾ شريڪ شاگردياڻيون

چڪ لڳ جتوئي برادريءَ جي ڌرين ۾ جهيڙي دوران زخمي ٿيل عورت فوت

ڳوٺ سلطان ڪمالاڻي ۾ جهيڙي دوران رحمت الله ۽ زال پري خاتون زخمي ٿي پيا هئا

عورت سکر جي نجي اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي، ڌرين ۾ ڇڪتاڻ

چڪ (ن ع) رستم پرسان ڳوٺ سلطان ڪمالاڻي جتوئي برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران زخمي ٿيل ٻن ڄڻن مان هڪ عورت فوت ٿي وئي چار ڏينهن اڳ رستم ٿاڻي جي حد ڳوٺ سلطان ڪمالاڻي ۾ شهزادو ڪمالاڻي ۽ سلطان ڪمالاڻي جي ڌرين ۾ جهيڙو ٿيو جنهن ۾ گولين لڳڻ سبب سلطان ڪمالاڻي جي ڌر جا رحمت الله ڪمالاڻي ۽ سندس زال پري خاتون زخمي ٿي پيا هئا جن کي سکر جي نجي اسپتال منتقل ڪيو ويو هو جتي مسمات پري بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ پورهيت نوجوان جاءِ جو ڪم ڪندي ڪري فوت، گهر ۾ ڪهرام

مهراڻ اسڪول پاڙي ۾ ڪم دوران مستري ذوالفقار ميراڻي ڪري زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو ويو جتي ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ته وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل مهراڻ اسڪول پاڙي ۾ جڳهه جو ڪم ڪندڙ مستري نوجوان ذوالفقار ميراڻي جڳهه تان ڪري پيو جنهن کي فوري طور تي تعلقه اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي، جنهن ڪانپوءِ وارث ڪيس پنهنجي ڳوٺ باڍيجي شريف کڻائي ويا گهر ۾ روڄ راڙو مچل

فيض گنج لڳ گهرڙ اٿيٽ تان نوجوان پاڻ کي فائر هڻي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ جاڙو خان شر واسي ڪيڊٽ ڪاليج شاگرد ارشد شر انتهائي قدم کنيو

زخمي نوجوان کي اسپتال نيو پي ويو ته رستي دم ڏني حوالي ڪيو گهر ۾ ڪهرام

فيض گنج (ن ع) پڪاچانگ ويجهو ڳوٺ جاڙو خان شر واسي ڪيڊٽ ڪاليج خيرپور جي نوجوان شاگرد محمد ارشد شر ولد ابوسفيان شر گهرڙ اٿيٽ تان پاڻ تي پسٽل جو فائر ڪري آپگهات جي ڪوشش ڪئي جنهن کي زخمي حالت ۾ سينٽر پڪاچانگ منتقل ڪيو ويو نوجوان جي حالت گهڻي جوڳي هئڻ سبب ڪيس گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو پئي ويو ته نوجوان رستي ۾ فوت ٿي ويو نوجوان جي فوت ٿيڻ بعد سندس گهر ۾ ڪهرام مچل آهي

جيڪب آباد: حدخلين هٽائڻ خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد ۾ اينٽي انڪروچمينٽ ڪارروائي خلاف يونين ۽ سومرا برادري جو ڌرڻو

انجمن تاجران ۽ سومرا برادري پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڊڪڻ منڊي چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو

ايم پي اي شير محمد مغيري جي مداخلت، سامان واپسي ۽ ذاتي خرچ تي ڇپرا ٺهرائڻ جي خاطري

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ رات دير سان اسسٽنٽ ڪمشنر نويد احمد سامر پاران اينٽي انڪروچمينٽ جي ٽيم سان گڏجي جيڪب آباد جي پير بخاري ڊڪڻ منڊي وٽ ڪارروائي ڪندي دوڪانن ٻاهران رکيل کٽون ٽيبل ۽ ڪاٺ ڪٽائڻ سان گڏوگڏ دوڪانن جي ڇپرن کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو انتظاميه ڪارروائي ڪرڻ بعد دوڪانن ٻاهران رکيل سامان کڻي وئي جنهن بعد صبح سوير انجمن تاجران جي سڏ تي ڊڪڻ منڊي يونين ۽ سومرا برادري پاران احتجاجي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر واسي نوجوان پاران پ پ ايم پي اي تي تشدد جا الزام، وڊيو وائرل

راجا خان مهر بنگلي تي گهرائي ڪپڙن کان آجو ڪري تشدد ۽ ذليل ڪئي آهي: وشال ڪمار

پيٽرول پمپ ۾ پائيواري آهي ڪراچي وڃڻ جو چيو ته اغوا ڪري ذليل ڪئي وئي، انصاف ڪيو وڃي

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر واسي هندو نوجوان پاران پيپلزپارٽي ايم پي اي علي نواز عرف راجا خان مهر مٿان تشدد ڪرڻ واري الزامن واري وڊيو وائرل ٿي وئي آهي، وڊيو ۾ نوجوان وشال ڪمار الزام لڳايو آهي ته راجا خان مهر سونڪي بنگلي تي گهرائي تشدد ڪيو آهي راجا خان مهر سان منهنجي پيٽرول پمپ ۾ پائيواري آهي مون ڪيس چيو ته آئون پيٽرول پمپ تي ڪم نه ڪندس ڪراچي شفٽ ٿيان پيو انهي ڪارڻ ۾ اچي علي نواز عرف راجا خان مهر سونڪي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

پ پ ايم پي اي عارف مهر ايس ايڇ او خميسو جي وارثن وٽ پهچي تعزيت ڪئي

خميسو خان انتهائي بهترين انسان هو واقعو انتهائي خراب ۽ غلط ٿيل آهي: عارف خان

لکي غلام شاهه(ن ع) پ پ ايم پي اي محمد عارف خان مهر شهيد ايس ايڇ او خميسو خان بروهي جي ڏي تي پهچي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ دعا پڻ گهري ان موقعي پ پ ايم پي اي محمد عارف خان مهر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته واقعو تمام انتهائي خراب ٿيل آهي ۽ ايس ايڇ او خميسو خان کي شهادت نصيب ٿي آهي خميسو خان انتهائي بهترين انسان هو واقعو انتهائي خراب ۽ غلط ٿيل آهي خميسو خان کي الله پاڪ بخشيندس شهادت نصيب ٿي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

دادو: استادن جي الوداعي پارٽي ۾ شيلڊون ڏنيون پيون وڃن

ٽنڊو محمد خان ۽ پرياسي برساتي وسڪارن بعد سيءَ ۾ اضافو

سيءَ ۾ واڌ بعد دڪاندارن گرم ڪپڙن جي اگهن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو

ڪاڏ خوراڪ جي گرم شين جي واپارين ۾ اضافي ٿيڻ جي ڪري پڻ اگهه وڌايا ويا

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ برساتي وسڪارن ڪانپوءِ سيءَ ۾ اضافو اچي ويو، واپارين گرم ڪپڙن جا اگهه مارڪيٽ ۾ چوٽ چاڙهي ڇڏيا ، ٽنڊو محمد خان ۽ پرياسي جي علائقن ۾ برساتي وسڪارن ڪانپوءِ سيءَ ۾ تمام گهڻو اضافو اچي ويو آهي جنهن جي ڪري علائقي جي واپاري بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ليڊي هيلٿ ورڪرن سان ڏريزري عملو پنهنجون زيادتيون بند ڪري: بشرا آرائين

رٽائرڊ ليڊي هيلٿ ورڪرن پنهنجيون زندگيون عوامي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيون

بدين ۾ ڪجهه آفيسر اختيارن جي من ماني پينشن بند آهي، عورتون مشڪلاتن جو شڪار آهن

بدين (ڊ ر) ڏريزري عملو پنهنجو قبلو درست ڪري ليڊي هيلٿ ورڪرن سان زيادتيون بند ڪري بي صورت ۾ سنڌن آفيسن جو گهيراءُ ڪيو ويندو اهڙو اظهار آل پاڪستان ليڊيز هيلٿ ورڪرز جي مرڪزي چيئرپرسن بشرا آرائين ۽ ٻين بدين ۾ رٽائرڊ ليڊي هيلٿ ورڪرن کي پينشن جاري بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سجاول ۾ انجمن عاشقان مصطفيٰ ﷺ پاران سجاول بار جي نئين چونڊيل باڊي جي اعزاز ۾ آجياڻو

لوهار هائوس سجاول تي تقريب ۾ بار جي چونڊيل عهديدارن کي اجرڪون جا تحفا پيش ڪيا ويا

عوامي، سماجي ۽ قانوني مسئلن لاءِ وڪيل هر وقت حاضر آهن: بار اڳواڻ

سجاول(ڊ ر) لوهار هائوس سجاول تي انجمن عاشقان مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم طرفان بار ايسوسيئيشن جي چونڊيل نئي باڊي جي اعزاز ۾ آجياڻي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ انجمن عاشقان مصطفيٰ ص جي سرپرست اعلي امتياز علي شاهه صدر مولوي محمد بارڻ جنرل بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: فوتي ٻارڙي جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

مورو پوليس پاران چوري ٿيل موٽرسائيڪل برآمد ڪرائي مالڪ حوالي ڪرڻ جي دعويٰ

مورو (ن ع) مورو ٿاڻي جي حد چوٽو ميل وٽ چورن موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۾ پوليس جي بروقت ڪارروائي سبب چور موٽر سائيڪل ڇڏي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

بادهه ۾ ايس يو پي ڪارڪنن جو اڳواڻن تي ڪوڙا ڪيس داخل ٿيڻ خلاف مظاهرو

بادهه (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪرڻ خلاف ايس يو پي بادهه پاران پارٽي جي صدر مرتضيٰ گوپانگ، نويد ڪانڊڙو ۽ غفور ساريو جي اڳواڻيءَ ۾ بادهه ميڊيا هائوس کان حيدر چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ پارٽي جي ٻين ڪارڪنن شفيق بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: اجتماعي شادي جي تقريب ۾ 2 ناريون شريڪ آهن

سيوهڻ واسي نوجوان حيدرآباد مان پراسرار طور گم، وارثن پاران اغوا جو شڪ، انصاف جو مطالبو

سيوهڻ(ن ع)سيوهڻ واسي 18 ورهين جو نوجوان ذيشان ڪوريجو حيدرآباد جي قاسم آباد واري علائقي مان 10 ڏينهن اڳ پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي اهڙي واقعي بعد نوجوان وارثن پاران نوجوان کي اغوا بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد پوليس جي وڏي ڪاميابي، بنگلاڻي گينگ جي 9 بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: ايس ايس پي محمد ڪليم ملڪ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

لاڙڪاڻي واسي نابين پيش امام پاران ڦر ٿيل سامان جي واپسي لاءِ احتجاجي مظاهرو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي علي گوهر آباد پاڙي جي رهواسي نابين پيش امام طرفان مبينا طور ڦر ٿيل موبائيل فون ۽ روڪ رقم واپس نه ٿيڻ خلاف قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ نابين پيش امام وسيم راجا پنهور ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته آئون اصل رڳڙ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه لڳ شهيد ايس ايڇ او خميسو بروهي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ آپريشن جاري

ايس ايس پي شاهزيب چاچڙ جي اڳواڻي ۾ مزارپور ڪچي جي مختلف علائقن ۾ ٻئي ڏينهن به ڪيو ويو

جديد ڊرون ٽيڪنالاجي جي مدد سان آپريشن ۾ 2 ڌاڙيل مارجي ويا آهن ۽ 13 زخمي ٿي پيا آهن

آپريشن دوران مسافرن کان ڦر ڪيل سامان ۽ سجاڳپ ڪارڊ پڻ ڌاڙيلن جي ٺڪاڻن مان هٿ ڪيا آهن

لکي غلام شاهه(رپورٽ عبدالرزاق مهر) شهيد ايس ايڇ او لکي غلام شاهه خميسو خان بروهي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مزارپور ڪچي جي مختلف علائقن ۾ ٻئي ڏينهن به پوليس جو سرچ آپريشن جاري بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ حدخلين خلاف آپريشن، غير قانوني اڏاوتون ڊاهي پٽ ڪيون ويون

اينٽي انڪروچمينٽ عملي پوليس ساڻ گڏجي مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون

شهرين جي شڪايتن بعد ڊي سي جي حڪم تي ڪارروائيون شروع ڪيون ويون آهن: عملدار

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي مختلف علائقن ۾ غير قانوني حدخلين خلاف ضلعي انتظاميه جون ڪارروائيون جاري ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ۽ چيئرمين ميونسپل ڪميٽي خيرپور ڊاڪٽر يارمحمد ڦليوٽو جي حڪم تي اسسٽنٽ مختيارڪار شيراز احمد ڦليوٽو ايس ايڇ او ۽ اينٽي انڪروچمينٽ طارق رند روينيو ميونسپل عملو ۽ پوليس نفري ساڻ ڪري شهر جي مختلف علائقن ۾ قائم ڪيل حدخلين خلاف ڪارروايون ڪيون شهر جي خاڪي شاهه پل چتي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ميهڙ لڳ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل، هڪ زخمي

گاهي مهيسر روڊ تي هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ اميد علي سرگاني مارجي ويو، ضامن زخمي ٿيو

لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، زخمي جي حالت نازڪ هجڻ سبب لاڙڪاڻو منتقل

اميد علي سرگاني کي جوابدارن پلاٽ ۾ گولين هڻي قتل ڪيو آهي: ڊي ايس پي

ميهڙ/ نئون ڳوٺ/ راڌڻ (نمائندن رڪان) ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ گاهي مهيسر روڊ تي اڻڄاتل هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو اميد علي سرگاني گولين لڳڻ سبب موقعي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٺري ميرواهه ۾ ڳوٺاڻن جو زمين تي قبضي جي ڪوشش خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ ڪرڙاهه واسين آصف محمود ٿل، غلام اصغر، عبدالباسط ٿل ۽ ٻين احتجاج ڪيو

برادري جا بااثر زمين تي قبضي لاءِ جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

ٺري ميرواهه (ن ع) ٺري ميرواهه جي ڳوٺ ڪرڙاهه جي رهواسي مولانا آصف محمود ٿل غلام اصغر ٿل ، عبدالباسط ٿل ۽ ٻين پريس ڪلب ٺري ميرواهه پهچي ڪري پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان جي برادري جا ڪجهه بااثر ماڻهون اسان جي ڪاتي جي زرعي زمين تي قبضي جي ڪوشش ڪري مختلف طريقن سان اسان کي تنگ ڪري رهيا آهن هنن چيو ته ڪافي ٽائم کان بااثر ماڻهون اسان جي فصل جو زرعي پاڻي بند ڪري ڇڏين ٿا ۽ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ڪارڪنن جي گرفتارين خلاف احتجاجي ريلي

ڪارڪنن گل حسن رند ، غلام مصطفيٰ ڪيريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڊاڪٽر زين پنهور سميت سمورن گرفتار ڪارڪنن کي ترت آزاد ڪيو وڃي: مظاهرين

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ضلعي صدر ڊاڪٽر زين پنهور جي گرفتاري ۽ سنڌ جي مختلف شهرن مان سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ڪارڪنن جي گرفتارين ، ڇاپن ۽ سياسي ڏاڍ خلاف سنڌ هائوس کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا محرابپور روڊ کان ٿيندي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي پهچي جتي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي ايس يو پي جي ضلعي ، تعلقي ۽ سٽي جي اڳواڻن گل حسن رند ، غلام مصطفيٰ ڪيريو ، غلام مصطفيٰ شاهه ، ايوب ڪوسو ، پرويز سومرو ۽ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: سينٽرل آرگنائيزيشن آف ٽريڊرس جو صدر ڪاشف چوڌري سيد عبدالقيوم ۽ ٻيا گل پلازه جو دورو ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد پوليس جي وڏي ڪاميابي، بنگلاڻي گينگ جا 9 ڌاڙيل سرينڊر ڪري ڇڏيو

سليمان، مزار، برڪت، ياسين، مور عرف جمعو اول، عمران، شاهل ۽ خيرالدين بنگلاڻي گرفتاري پيش ڪئي آهي: ايس ايس پي

گرفتار ڌوهارين مٿان ڦر، ڌاڙن، پوليس مقابلن سميت مختلف ڏوهن جا 50 کان وڌيڪ ڪيس مختلف ٿاڻن تي داخل ٿيل آهن

تمام ڌاڙيلن لاءِ پيغام آهي ته هو پنهنجو پاڻ هٿيارڦٽا ڪري پوليس آڏو گرفتاري پيش ڪن

بدين: نشاٽ يونٽ وليج حضرت پير محمد صادق قريشي نقشبندي جي چونڊ

صلاح الدين ڪيريو پيهر صدر منتخب، نائب صدر عبدالرحيم جوڻيجو چونڊيو ويو

بدين (ڊ ر) نشاٽ تنظيم جماعت لواري شريف يونٽ وليج حضرت پير محمد صادق قريشي نقشبندي جي سال 2026-27 جي نئين باڊي چونڊي وئي صلاح الدين ڪيريو کي هڪ ڀيرو ٻيهر صدر منتخب ڪيو ويو بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

روشن خيال ۽ جامع سماج جي اوسر لاءِ سڀ کان اثرائتو وسيلو تعليم آهي،طارق ٽالپر

تعليم صرف درسگاهن تائين محدود نه پر ڦڻ شعور ۽ سماجي ذميواري جي جاڻ پڻ ڏئي ٿي

پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه تعليم کي پنهنجي نظرياتي بنياد جو مرڪزي ٿنڀ سمجهيو آهي

ڏگهڙي (ن ع) سنڌ جي سماجي ڀلائي واري وزير مير طارق علي خان ٽالپر چيو آهي ته تعليم قومي ترقي جي بنياد آهي ۽ هڪ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: صوبائي وزير مير طارق ٽالپر پريس ڪلب جي صحافين سان گڏ بيٺل آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.